روشن خيال تعليمي ڪتابي سلسلو 6

# نوجوانن ڏانهن

پرنس پيٽر ڪروپاٽڪن

مترجم: برڪت علي "آزاد"

Center for Peace & Civil Society
Creativity | Credibility | Commitment
www.cpcs.org.pk

# نوجوانن ڏانهن

<u>پرنس پيٽر ڪروپاٽڪن</u>

مترجم: برڪت علي ”آزاد“

**سينٽر فار پيس اينڊ سول سوسائٽي**
A-89/11, Gulshan-e-Sahr, By Pass Gate,
Wadhu Wah, Qasimabad, Hyderabad,
Sindh, Pakistan.
Ph: +92 – 22 – 2904408, Fax: +92 – 22 – 2652401
www.cpcs.org.pk
E – Mail: info@cpcs.org.pk

## سڀ حق ۽ واسطا اداري وٽ محفوظ

**46**

| | |
|---|---|
| ڪتاب جو نالو: | نوجوانن ڏانهن |
| موضوع: | روشن خيال تعليمي سلسلو |
| ليکڪ: | پرنس پيٽر ڪروپاٽڪن |
| مترجم: | برڪت علي "آزاد" |
| ڪمپوزنگ: | سليمان سميجو |
| ڇاپو پهريون: | جولاءِ 2007ع |
| ڇاپو ٻيو: | جنوري 2010ع |
| ڇاپو ٽيون: | آگسٽ 2012ع |
| ڇپائيندڙ: | سي پي سي ايس |

**ڪتابن ملڻ جا هنڌ**

ٿامس اينڊ ٿامس بُڪ هائوس، ڪراچي
ڪانياواڙ بُڪ هائوس ڪراچي
سنڌيڪا ڪتاب گهر، حيدرآباد
فڪشن هائوس، حيدرآباد
رابيل ڪتاب گهر، لاڙڪاڻو
گل ڪتاب گهر، شڪارپور
جنيد ڪتاب گهر، دادو
سنڌيڪا ڪتاب گهر، سکر
مهراڻ ڪتاب گهر، ميرپورخاص
هلال ڪتاب گهر، ميرپورخاص
ماروي ڪتاب گهر ٽنڊوالهيار

All Rights Reserved
**Nojawanan Danhn**
Subject: Biography
Authored By: Prince Peter Kropotkin
Translated by: Barkat Ali "Azad"
1st Edition: July 2007
2nd Edition: January 2010
Third Edition: August 2012
Published By: CPCS

**سي پي سي ايس پاران ڇپائي پڌرو ڪيو ويو.**

# ارپنا

سنڌ جي اُنهن نوجوانن جي نالي، جيڪي نہ
رڳو هڪ جديد، آزاد ۽ روشن خيال سنڌ
جا خواب ڏسن ٿا پر اُن لاءِ ذهني، روحاني ۽
عملي پور هيو پڻ ڪن ٿا.

# نوجوانن ڏانهن

[اڄ مان نوجوانن سان ڪي ڳالهيون ڪرڻ چاهيان ٿو. ٻيا ماڻهو (منهنجو مطلب دراصل دل ۽ دماغ جي ٻڍن سان آهي) ڪي هيءُ مضمون پڙهڻ جي تڪليف نہ ڪرڻ گهرجي، ڇاڪاڻ تہ هن جي پڙهڻ مان سواءِ پنهنجي اکين کي ٿڪائڻ جي ڪين ٻيو ڪجهہ بہ حاصل ڪونہ ٿيندو.

سمجهو ڪٿي تہ توهان جي عمر هن وقت ارڙهن يا ويهہ ورهيہ آهي، ۽ توهين هينئر پنهنجي تعليمي زندگيءَ کي پورو ڪري، دنياوي معاملن ۽ وهنواري زندگيءَ ۾ داخل ٿي رهيا آهيو. مان هي بہ مڃان ٿو تہ توهان جا دماغ انڌن عقيدن کان آزاد آهن - اُهي انڌا عقيدا، جن کي توهان جي دماغن ۾ داخل ڪرڻ لاءِ توهان جي وڏن ۽ خود ماستر صاحبن ڪافي محنت کان ڪم ورتو هو. مون کي خبر آهي تہ توهان دوزخ ۽ بهشت جي ڳالهين کان ڪونہ ٿا ڊڄو ۽ توهين مُلن توڙي ٻاون ۽ ٻانيٽن جي ٺلهين ڳالهين کي بہ ٻُڌڻ نٿا چاهيو. مون کي اها بہ ڄاڻ آهي تہ توهين اُنهن بناوتي ماڻهن منجهان بہ نہ آهيو جي فقط پنهنجن چمڪندڙ ڪپڙن ۽ عجيب و غريب شڪلين ۽ خاص چال ڍال کي ڪن خاص موقعن تي فخر سان ڏيکارڻ جي ڪوشش ڪندا آهن، ۽ جي ننڍيءَ عمر ۾ ئي ڪنهن نہ ڪنهن طريقي عيش ماڻڻ ۽ موجن ونڻ لاءِ آتا ۽ حيران هوندا آهن. پر مون کي يقين آهي تہ اوهان مان گهڻا

ڏرتيءَ ماتا جا اهڙا لائق سپوت ۽ صالح فرزند بہ آهن، جيڪي پنهنجي زندگيءَ کي پنهنجي توڙي انسانيت جي فائدي لاءِ بااُصول ۽ باڪردار بڻائي، ڪجھ سمجھڻ، ڪجھ سکڻ، ڪجھ ڏسڻ ۽ ڪجھ ڪرڻ لاءِ هميشہ بيچين رهن ٿا. توهان جي هن بيچينيءَ، ڪنهن مقصد جي تلاش ۽ ڪجھ ڪرڻ جي تمنا کي پيش نظر رکندي، مان اوهان جي هڪ دوست ۽ خير خواهہ جي حيثيت ۾ توهان سان ڪي ڳالهيون ڪرڻ چاهيان ٿو.

مون کي توهان جي من جي اُٿل پٿل جي چڱيءَ ريت خبر آهي. مون کي انهيءَ ڳالھ جي بہ سورهن آنا ڄاڻ آهي تہ اڪثر ڪري توهان جي دلين ۾ هي سوال اُڀرندو آهي تہ ”اسان کي اڳتي هلي ڇا ڪرڻو آهي؟“ گھڻو ڪري اوهان مان هرڪو پنهنجي من ۾ هميشہ اهي ئي ويچار ڪندو آهي تہ ”مون ڪافي عرصي تائين سماج يا سوسائٽيءَ جي مدد جي آڌار تي، جيڪا علمي ۽ هنري تعليم ورتي آهي، تنهن جو مقصد اهو نہ آهي تہ پنهنجي علمي يا هنري لياقتن کي ٻين جي لُٽڻ يا فقط پنهنجي ذاتي فائدن کي حاصل ڪرڻ جو ذريعو بڻايو وڃي.“ مان سمجھان ٿو تہ جيڪو پنهنجين لياقتن کي ائين پنهنجن ذاتي فائدن حاصل ڪرڻ ۽ ٻين کي لُٽڻ جو ذريعو سمجھي ٿو سو اخلاق، انسانيت ۽ شرافت جو ڪي گھُٽو ڏئي ٿو. جنهن انسان جي دل ۾ اِهو خيال پيدا نٿو ٿئي تہ وقت اچڻ تي مان پنهنجي علم، عقل ۽ لياقت کي اُنهن ماڻهن جي حقن جي بچاءَ لاءِ استعمال ڪندس، جي اڄ هر طرح جي مصيبت ۽ جهالت ۾ مبتلا آهن، اهڙو ماڻهو نہ رڳو پنهنجي انساني فرض کان گُسي ٿو پر مان تہ ايترو بہ چوندس تہ منجھس ذري جيتري بہ انسانيت ڪانهي ۽ سندس وجود سراسر خود غرضيءَ ۽ حيوانيت سان ڀريل آهي.

مان هي بہ تسليم ڪريان ٿو تہ توهان بہ اُنهن ماڻهن منجھان آهيو جن کي هن قسم جا خواب ايندا رهندا آهن. ڇا اها حقيقت نہ آهي؟

چڱو! هينئر اسان کي ڏسڻو آهي تہ پنهنجن هنن سپنن توڙي مستقبل جي خوابن کي سچو ۽ صحيح ثابت ڪرڻ لاءِ توهان کي ڇا ڪرڻ گهرجي؟

مون کي اها خبر ڪانهي تہ توهان ڪهڙي گهر ۽ خاندان ۾ پيدا ٿيا آهيو. ممڪن آهي تہ توهان ڪنهن خوشحال گھر يا ڪٽنب جا ميمبر هجو ۽ توهان ڪنهن اعليٰ تعليم حاصل ڪرڻ جو خيال ڪيو هجي، توهان جي ڊاڪٽر ٿيڻ جي مرضي هجي، يا ڪو بئريسٽر، ليڪڪ يا سائنسدان بڻجڻ جو خيال هجيوَ. مطلب تہ اوهان جيڪي ڪجھ بہ ٿيڻ يا ڪرڻ چاهيو اوهان جي سامهون بهرحال ڪم ڪرڻ جو هڪ وسيع ميدان موجود آهي.

انهيءَ ۾ ڪوبہ شڪ ڪونهي تہ توهان پنهنجي اعليٰ تعليم ۽ تربيت يافتہ دماغ سان زندگيءَ جي ميدان ڪارزار ۾ داخل ٿي رهيا آهيو پر چاڪاڻ تہ توهان جي تعليم فقط درسي ڪتابن تائين محدود پئي رهي آهي، تنهن ڪري ضروري آهي تہ زندگيءَ جي عملي پهلوءَ کان آگاهہ ٿيڻ لاءِ توهين انسان ذات جي سڀ کان قيمتي عنصر يعني هارين ۽ مزدورن جي مصيبت واري زندگيءَ، سندن سخت محنت، تنگ گذرانَ ۽ پاڻ کي اعليٰ ۽ اُوچ سڏائيندڙ موجوده سوسائٽيءَ جي ٺيڪيدارن ۽ سرمائيدارن جي بيجا ظلمن ۽ بي انصافين توڙي سماج جي بيهوده بندشن ۽ ناروا پابندين کان واقف ٿيو. بس! اهو ئي آهي مقصد هيٺ ڏنل خيالن کي قلمبند ڪرڻ جو.]

- سمجهو ڪٽي تہ توهان کي علم ۽ سائنس جي چڱي تعليم ملي آهي ۽ هينئر توهين ڊاڪٽر بڻجڻ چاهيو ٿا.

سياٽي هڪڙو ڦاٽل ۽ پراڻن ڪپڙن وارو هڪ غريب ماڻهو ڪنهن بيمار عورت کي ڏسڻ لاءِ توهان کي وٺڻ اچي ٿو. هو توهان کي هڪ اهڙي پاڙي ۾ وٺي وڃي ٿو جنهن جون گهٽيون بلڪل تنگ ۽ سوڙهيون آهن، ايتري قدر جو اُتان ٻن ماڻهن جو هڪٻئي سان گڏجي هلڻ بہ مشڪل آهي، اُتي توهان کي هڪ بدبوءِ دار جاءِ ۾ هڪڙي جهَڪي ڏِيئي جي روشنيءَ ۾ مٿي چڙهڻو پوي ٿو. توهين بہ- چار ڪِنَ ڪچري سان سٽيل ڏاڪا اورانگهي، جڏهن مٿي پهچو ٿا، تڏهن توهين هڪ ڇڳل کٽ تي اُن بيمار عورت کي سُتل ڏسو ٿا. کٽ جي پرسان هڪ پراٽي تڏي تي ڦِڪي رنگ جا ڪمزور ۽ گدلا ٻار، ميرن ۽ ڦاٽل ڪپڙن ۾ ڏڪندي، اکيون ڦاڙي، توهان ڏانهن نهاري رهيا آهن. بيمار عورت جو مڙس هڪڙو مزدور آهي، جو سڄي عمر ڪارخاني ۾ روزانو ٻارنهن تيرنهن ڪلاڪ ڪم ڪندو رهيو آهي، هينئر ٽن مهينن کان بيروزگار ويٺو آهي. نوڪريءَ کان جواب ملڻ هن لاءِ ڪا نئين ڳالهہ ڪانهي، چاڪاڻ تہ سال ۾ ڪڏهن نہ ڪڏهن هن سان اها ڪار مڙيئي ٿيندي رهندي آهي، پر هِن سال هو اڳي کان بہ وڌيڪ تڪليف ۾ آهي، انهيءَ جو سبب اهو آهي، جو هن کان اڳ جڏهن هو بيمار پوندو هو ۽ کيس نوڪريءَ کان جواب ملندو هو، تڏهن سندس گهر واري کو پورهيو ڪري، وقت کي منهن ڏيندي هئي. شايد هوءَ توهان جي ئي گهر جو ٿانوَ ٻهارو ڪندي رهي هجي ۽ اهڙيءَ طرح ٻار نپائڻ لاءِ پنج ست روپيا ڪمائي وٺندي هجي، پر هن دفعي تہ هوءَ ويچاري بہ ٻن ٽن

مهينن کان بيمار ٿي، بستري تي پئي آهي. سندس بيماريءَ کان پوءِ سمورو گهر ۾ ننڍا ٻار عجيب مصيبت ۾ مبتلا آهن.

ڊاڪٽر صاحب! اهو تہ اوهان هتي پهچڻ سان ئي سمجهي ورتو هوندو تہ هن عورت جي بيماريءَ جو سبب فقط جسماني ڪمزوري، ڪافي طاقتور کاڌي جي اڻاٺ ۽ صاف هوا جي ڪمي آهي. مهرباني ڪري ٻڌايو تہ اوهين هن مريض لاءِ ڪهڙو نسخو تجويز ڪندا؟ ڇا روزانو سير ڪير؟ شهر کان ٻاهر ڪنهن کُليل ميدان ۾ هوا خوري؟ ڪنهن چڱيءَ هوادار جاءِ ۾ ڪافي روشنيءَ واري ڪمري ۾ سمهڻ؟ بيشڪ! سٺي تجويز آهي. پر اوهان کي هيءَ ڳالهہ بہ وسارڻ نہ گهرجي تہ جيڪڏهن هڪ غريب عورت وٽ مٿيون سموريون شيون موجود هجن ها، تہ پوءِ اِهي اُپاوَ هوءَ اوهان سان صلاح ڪرڻ کان اڳ ۾ ئي وٺندي رهي ها.

جيڪڏهن توهان ۾ سچ پچ انساني همدرديءَ جو جذبو موجود آهي ۽ جيڪڏهن توهين ڪليءَ ريت ڳالهائي ڄاڻو ٿا ۽ توهان جي چهري مان ايمانداري ظاهر ٿئي ٿي تہ پوءِ هنن مان توهان کي گهڻين ئي ڳالهين جي خبر پئجي سگهي ٿي. هو توهان کي ٻڌائيندا تہ پاسي واريءَ ڪوٺيءَ ۾ جيڪا عورت ڪنگهي رهي آهي ۽ جنهن جو دردناڪ آواز ٻُڌي توهان کي ڏکٽي وٺي وڃي ٿي، سا ڪپڙن ڌوئڻ واري هڪ غريب عورت آهي. هيٺينءَ منزل ۾ رهندڙ سمورا ٻار، بخار جي تڪليف جي ڪري دانهون ڪري رهيا آهن. سڀ کان هيٺينءَ منزل ۾ رهندڙ ڌوٻياڻي، هلندڙ سياري جي پڇاڙيءَ تائين جيئري رهي نہ سگهندي ۽ پر واريءَ جاءِ ۾ رهندڙ ماڻهن جي حالت تہ هن مائيءَ کان بہ وڌيڪ خطرناڪ آهي.

هنن سڀني بيمار ماڻهن لاءِ توهين ڇا ڪندا؟ ڇا هنن لاءِ طاقت وارو کاڌو، آب ۽ هوا جي تبديلي ۽ هلڪي ورزش تجويز ڪندا؟ مان سمجهان ٿو تہ توهين ضرور چاهيندا هوندا تہ توهين ڪيئن بہ ڪري، هنن کي جيڪر اها ئي صلاح ڏيو پر افسوس! جو توهان هنن کي اها صلاح ڏيڻ جي پاڻ ۾ همت ئي ساري نٿا سگهو ۽ آخر توهين بہ ٻين وانگر قسمت ۽ نصيب کي ڳالهائيندا، پنهنجي موٽي اچو ٿا.

ٻئي ڏينهن جڏهن اچا توهان هنن دوزخ جهڙين جاين ۾ رهندڙ بدقسمت ماڻهن جي نصيب تي ويچار ئي ڪري رهيا آهيو، تہ توهان جو ساٿي توهان کي ٻُڌائي ٿو تہ ڪالهہ هڪڙو پنيوالو ڪيس سڏڻ آيو هو ۽ پاڻ سان هڪڙي عاليشان گاڏي بہ ڪاهي آيو هو. اڄ اُهو ساڳيو ماڻهو وري آيو ۽ ڪيس هڪ شاهي محلات ۾ رهندڙ هڪ بيگم صاحبہ جي نبض ڏيکارڻ لاءِ وٺي ويو هو. هُن پري پيڪر عورت کي رات جو ننڊ نہ اچڻ جي بيماري هئي. هن پنهنجي سموري حياتي هار سينگار، کيل

تماشن، قسمين قسمين ڪاڏن ڪارائڻ ۽ دعوتن ڏيڻ ۽ پنهنجي بيوقوف مڙس سان جهيڙا ڪرڻ ۾ گذاري آهي. توهين هن لاءِ تجويز ڪريو ٿا: وس پڄندي خراب عادتون گهٽائڻ، ساديون ۽ هلڪيون غذائون، صاف هوا ۾ پسار ڪرڻ، سياءُ ڪي ٿڌو رکڻ ۽ جسماني ڪنهن به پورهيي نه ڪرڻ جي ڪميءَ کي ڪنهن حد تائين پوري ڪرڻ لاءِ پنهنجي ڪمري جي اندر ئي هلڪي ڪسرت ڪرڻ وغيره.

هڪڙي انهيءَ لاءِ مري رهي آهي ته ڪيس سڄي عمر نه ڪڏهن پورو کاڌو مليو آهي ۽ نه ڪافي آرام، ۽ بي انهيءَ ڪري تڪليف هيٺ آهي، ڇاڪاڻ ته ڪيس اڃا تائين اها به خبر ڪانهي ته پنهنجي حياتيءَ ۾ محنت ڪرڻ ڇا کي چئبو آهي؟

جيڪڏهن توهان انهن ڪمزور اخلاق وارن ماڻهن منجهان آهيو جي جهڙو واءُ ڏسندا آهن، تهڙي پُٺ ڏيندا آهن، جي نهايت خوفناڪ ۽ نازڪ حالتن جي پيدا ٿيڻ کان پوءِ به فقط هڪڙي ٿڌي ساهه کڻڻ يا شربت جي هڪڙي گلاس پيئڻ سان ٺري ويندا آهن، ته پوءِ آهستي آهستي توهان کي اهڙن دکدائڪ نظارن کي ڏسڻ جي عادت پئجي ويندي ۽ توهان ۾ پڻ حيوانيت جو مادو پيدا ٿي ويندو ۽ توهان جو مقصد به فقط عيش پسند ماڻهن جي وچ ۾ رهڻ ٿي پوندو، جنهن جو نتيجو اهو نڪرندو جو توهان هن گپ ۾ ڦاسڻ کان پوءِ مصيبت زده ماڻهن جي خبر گيريءَ کان صفا رهجي ويندا، پر جيڪڏهن توهان "انسان" آهيو ۽ پنهنجي دلي جذبات کان ڪنهن عملي ڪم وٺڻ جي طاقت رکو ٿا، ۽ توهان جي حيواني مادي توهان جي ضمير کي دوکو نه ڏنو آهي، ته پوءِ هڪڙي ڏينهن توهان پنهنجي دل ۾ هيئن چوندا گهر ڏانهن ورندا: "نه، هيءُ ظلم آهي، بي انصافي آهي؛ اها حالت هن کان پوءِ گهڻي وقت تائين قائم رهڻ نه گهرجي؛ فقط مرض جي علاج ڪرڻ مان ڪجهه ڪونه ورندو. مرض پيدا ٿيڻ جي ڪارڻ کي ئي روڪڻ گهرجي." اها حقيقت آهي ته جيڪڏهن ماڻهن کي پنهنجي ماني ٽڪر حاصل ڪرڻ لاءِ ڪي سهوليتون ميسر ٿي وڃن ۽ هو ڪنهن حد تائين علم به حاصل ڪري سگهن، ته پوءِ چئي سگهجي ٿو ته اسان جي روڳن ۽ مرضن جو تعداد گهڻي ڀاڱي هوند گهٽجي وڃي ۽ ٻيون بيماريون به غائب ٿي وڃن. حڪمت جا ٿلها ڪتاب وڃي ڪڏ ۾ پون. صاف هوا، طاقتور کاڌو ۽ عام رواجي محنت- اهي بنيادي ڳالهيون آهن. انهن کان سواءِ ڊاڪٽرن جون سموريون ڳالهيون چالبازيءَ ۽ دوکيبازيءَ کان سواءِ ٻيو ڪجهه به نه آهي.

بس! جنهن ڏينهن اهي ڳالهيون توهان جي سمجهه ۾ اچي وينديون، تنهن ڏينهن چئبو ته توهان سوشلزم، ساميه واد ۽ اشتراڪيت کي سمجهي ورتو. انهيءَ بعد توهين هن باري ۾ اڃا به وڌيڪ کوجنا ڪرڻ جي ڪوشش ڪندا.

جيڪڏهن توهين انساني همدرديءَ ۽ پراُپڪار جي اهميت کي محسوس ڪريو ٿا، ۽ انهيءَ سان گڏ هڪڙي بااُصول ماڻهوءَ جي حيثيت ۾ موجوده سماج يا سوسائٽيءَ جي موجوده اوڻاين تي ويچار ڪرڻ جي به خواهش اٿوَ ته پوءِ آخر هڪڙي ڏينهن ساميه وادين يا اشتراڪيت پسند گروهه جي ماڻهن سان ملڻ کان سواءِ توهان کي ٻيو ڪوبه رستو نظر نه ايندو ۽ توهين پڻ هنن سان گڏجي دنيا ۾ سماجڪ انقلاب آڻڻ لاءِ مجبور ٿيندا.

• پر شايد اوهين چئو ته "اسان کي اهڙيءَ قسم جي خود غرضانه دڪانداريءَ سان ڪابه دلچسپي ڪانهي، ۽ اسين پنهنجو وقت علم حڪمت ۽ علم ڪيميا Chemistry وغيره جي کوجنا ۾ صرف ڪري، فقط علم ۽ سائنس جي ترقيءَ جا خواهشمند آهيون." نه فقط ايترو پر توهين هي وعظ ڪرڻ به شروع ڪري ڏيندا ته "اسان جي اهڙي ڪم جو نتيجو آخر شاندار ظاهر ٿيندو ۽ انهيءَ جي ڪابه پرواهه ڪانهي ته اسان جي هن ڪم جو ڦل اسان جي موجوده نسل کي ٿو ملي يا هن بعد پيدا ٿيندڙ نسلن کي" وغيره. سپ کان اڳ ۾ اسان کي هيءَ ڄاڻڻ جي ڪوشش ڪرڻ گهرجي ته سائنس جي ترقيءَ جي اصلي مراد ڇا آهي، ۽ توهين اُن جي معنيٰ ڪهڙي ٿا ڪيو؟ ڇا اُن جو مقصد فقط اعليٰ درجي جو آرام ۽ سڪون حاصل ڪرڻ آهي، جو قدرت جي طاقتن کي پنهنجي همت ۽ محنت سان زير ڪرڻ کان پوءِ انسان کي حاصل ٿئي ٿو؟

اهڙيءَ حالت ۾ مان توهان کان پڇندس ته جو انسان فقط پنهنجي زندگي آرام ۽ عيش ۾ گذارڻ لاءِ سائنس ۽ حڪمت جي ترقي چاهي ٿو تنهن ۽ هڪڙي اُنهيءَ شرابيءَ ۾ جو شراب جي نشي ۾ اُلوٽ ٿي، وقتي مزو حاصل ڪرڻ جي ڪوشش ڪري ٿو ڪهڙو فرق آهي؟

انهيءَ ۾ ڪوبه شڪ ڪونهي ته ٻنهي ماڻهوءَ پنهنجي ذاتي آرام ۽ سڪون جي شيءِ نهايت قابليت سان چونڊي آهي، ڇاڪاڻ ته شراب جي مقابلي ۾، ان مان وڌيڪ گهرو ۽ وڌيڪ ڦلدائڪ سڪون حاصل ٿئي ٿو ۽ شراب مان وقتي مزي کان سواءِ ٻيو ڪجهه به حاصل ڪونه ٿو ٿئي. ٻنهي جي خواهشمندن کي فقط خود غرضي ۽ مفاد مدنظر آهي ۽ ٻنهي جو مقصد به ساڳيو آهي، يعني ذاتي سُک ۽ مزو حاصل ڪرڻ.

هتي وري بہ شايد توهان چوندا تہ اسين پنهنجي ذاتي مفاد لاءِ ڪم ڪونہ ٿا ڪريون، پر فقط سائنس جي ترقي ۽ انسان ذات جي بهتري ئي اسان ڪي پيش نظر آهي ۽ اسان جي ڪوجنا جو بہ اهو ئي مقصد آهي.

مان چوندس تہ هي بہ هڪ مزيدار ڀرم آهي. اسان مان جنهن بہ شروعات ۾ سائنس ۽ فلسفي جي ڪوجنا جو ڪم شروع ڪيو هو، تنهن پڻ ساڳئي قسم جي دعوي ڪئي هئي. منڍ ۾ اسين بہ ائين ئي چوندا هئاسون.

پر جيڪڏهن سچ پچ توهين نوع انسان جي بهتريءَ جو خيال رکو ٿا ۽ توهان جو مقصد انساني سماج جي خدمت ۽ ڀلائي آهي، تہ پوءِ توهان جي سامهون هڪڙو ڏکيو سوال اُٿي ٿو.

توهان جي اندر ۾ علم ۽ سائنس ڪان سواءِ ٻيءَ ڪنهن ڳالهہ جي تور تڪ ۽ اندازي لڳائڻ جي فرصت ڪٿي ڪيتري قدر بہ گهٽ هجي، پر تڏهن بہ توهين هيءَ ڳالهہ تہ هڪدم سمجهي سگهو ٿا تہ اڄ ڪالهہ اسان جي سماج ۾ سائنس فقط ذاتي فائدن ڪي حاصل ڪرڻ جو هڪ ذريعو بڻيل آهي، جنهن مان چند ماڻهو پنهنجي زندگيءَ ڪي وڏيڪ سکيو ۽ آسان بڻائي، دنيا جي ٻين ڪروڙن انسانن ڪي ذليل زندگي گذارڻ لاءِ مجبور ڪن ٿا.

سؤ سالن ڪان وڏيڪ عرصو گذريو آهي، جو سائنس هن دنيا جي پيدائش جي باري ۾ پنهنجي طرفان چٽو فيصلو ڪري ڇڏيو آهي. پر گهڻا ماڻهو اهڙا ليندا، جن هن باري ۾ پيش ٿيل اُصولن جي چند ڄاڻ ڪئي آهي يا هن باري ۾ ڪو خاص اعليٰ درجي جو علم يا واقفيت حاصل ڪئي آهي؟ اهڙن ماڻهن جو تعداد ڪي هزار مس هوندو. پر اُهي ڪروڙين بدقسمت انسان، جي اڃا تائين مفلسيءَ ۽ انڌن عقيدن ۾ ڦاٿل آهن ۽ انهيءَ گهٽتائيءَ ڪري ئي هو ڌرمي ۽ مذهبي ٺڳن جي چنبي ۾ اچي وڃن ٿا، تن مان اُنهن اُصولن جي واقفن جو تعداد تہ اتي ۾ لوڻ برابر بہ نہ آهي.

اسين جيڪڏهن انهيءَ ڪان بہ ڪجهہ اڳيرو وڌي ڏسون ٿا، تہ پوءِ اسان ڪي معلوم ٿئي ٿو تہ سائنس جسماني ۽ اخلاقي واڌاري سواءِ علم صحت جي ڦهلاءَ لاءِ ڇا ڇا ڪيو آهي. سائنس اسان ڪي جيڪي رستا ڏيکاريا آهن يا جيڪي اُصول سيکاريا آهن، سي، ڪتابن ۾ ئي بند رهڻ سبب، اسان لاءِ بيڪار ثابت نہ ٿي چڪا آهن؟

هرڪو ڄاڻي ٿو تہ سائنسدانن جون اهي ڪوجنائون، جن مان عام ماڻهو ڪو بہ فائدو وٺي نٿا سگهن، سي محض بيڪار آهن.

انهيءَ جو ڪارڻ ڇا آهي؟ اِهو ئي تہ سائنس جو فائدو اڄڪلهہ فقط ڪي رسائيءَ وارا ماڻهو ئي وٺي رهيا آهن. سماجي يا سوشل برابري نہ هجڻ ڪري، اڄ انسانذات ٻن فرقن ۾ ورهايل آهي. هڪڙا مزدوري ڪندڙ غلام ۽ ٻيا سندن رت ست چوسيندڙ پونجي پتي يا سرمائيدار. هن زبردست تفاوت جي ڪري ضمير جي آواز موجب يا اُصول زندگي گذارڻ جو سمورو وعظ هڪ دل ڏکوئيندڙ مذاق ڪانسواءِ ڪا معنيٰ نہ ٿو رکي.

مان توهان کي ٻيا بہ ڪيترائي مثال ڏيئي، هڪڙي حقيقت سمجهائي سگهان ٿو پر ڳالهہ کي گهڻو وڌائڻ ٺيڪ نہ آهي. جيڪڏهن توهان پنهنجي تنگ ڪوٺيءَ مان (جنهن جي درين تي مٽي ڄميل آهي ۽ جنهن ۾ رکيل ڪتابن جي الماڙين تي ڪڏهن سج جي روشني بہ ڪانہ ٿي پهچي) ٻاهر نڪري، چئني ئي طرفن ڏانهن نظر ڊوڙائي ڏسندا، تہ توهان جي قدم قدم تي نيون ثابتيون ملنديون، جن مان انهيءَ ڳالهہ جي چٽي ثابتي ظاهر ٿيندي.

هن وقت اسان کي هرو ڀرو سائنس جي گهڻي کوجنا ۽ پرچار جي ڪا خاص ضرورت ڪانهي، پر سڀ کان وڌيڪ جيڪا ضروري ڳالهہ آهي، سا هيءَ تہ سائنس هن وقت تائين جيڪا ترقي ڪئي آهي ۽ جيڪو علم ۽ تجربو اسين حاصل ڪري سگهيا آهيون، تنهن مان روز مرهہ جي زندگيءَ ۾ ڪم وٺڻ گهرجي ۽ ان جو فائدو هر ماڻهوءَ تائين پهچائڻ جي ڪوشش ڪرڻ گهرجي. اسان کي اهڙو بندوبست ڪرڻ گهرجي، جو انسان ذات علم ۽ سائنس جي صحيح طريقن کي چڱيءَ ريت معلوم ڪري سگهي ۽ انهن کي ڪم ۾ آڻي سگهي. ائين ٿيڻ سان سائنس هڪ شوق جي شيءِ نہ رهندي، پر انساني زندگيءَ جو آڌار ۽ سهارو ثابت ٿيندي. اِهو ئي آهي انصاف ۽ اُصول جو رستو ۽ اِهائي آهي انصاف جي تقاضا.

انهيءَ کان سواءِ، خود سائنس جي ترقيءَ ۽ واڌاري جي نقطي نگاهہ کان بہ اهو ئي طريقو ٺيڪ ۽ ضروري آهي. سائنس جي صحيح معنيٰ ۾ ترقي ئي تڏهن ٿيندي، جڏهن عوام ان جي اُصولن جو آڌر ڀاءُ ۽ استقبال ڪرڻ لاءِ تيار هوندو.

اوزارن جي ذريعي گرمي پيدا ڪرڻ جو اُصول گذريل صديءَ ۾ ظاهر ٿي چڪو هو پر اسي ورهين تائين اهو اُصول ڪتابن ۾ بند پيو رهيو ۽ اُن جو استعمال تڏهن ٿي سگهيو جڏهن عوام ۾ سائنس جو علم چڱيءَ طرح ڦهلجي ويو. ڊارون (Darwin) ارتقا (Evolution) جو جيڪو نظريو ڳولي لڌو سوٽن پيڙهين کان پوءِ عالمن جي ذريعي تسليم ڪيو ويو ۽ اهو بہ تڏهن جڏهن هنن تي عوام جو

دباءِ پيو. شاعر ۽ مصور وانگر عالم، سائنسدان ۽ فيلسوف جي هستيءَ جو آڌار بہ اُهو سماج آهي، جنهن ۾ هو رهن ٿا ۽ پنهنجي اُصولن جو پرچار ڪن ٿا.

پر جڏهن انهيءَ قسم جا ويچار توهان جي دلين ۾ پيدا ٿيندا، تہ پوءِ توهين سمجهي ويندا تہ سڀ کان وڏيڪ اهميت رکندڙ ۽ ضروري ڳالهہ اها آهي تہ انهن موجوده طريقن ۾ بنيادي طرح سان تبديلي آندي وڃي، جن جي ذريعي چند ماڻهو سائنس ۽ علمي ترقيءَ جو حد کان وڏيڪ فائدو حاصل ڪن ٿا ۽ باقي دنيا اُنهيءَ ئي حالت ۾ رهي ٿي، جنهن حالت ۾ هو اڄ کان هزارين سال اڳ هئي. مطلب تہ موجوده سرشتي جي ڪري سمورو عوام ۽ عام ماڻهو فقط مشين جي پُرزي وانگر وهي رهيا آهن ۽ صحيح اُصولن ۽ طريقن کي سمجهڻ کان بلڪل لاچار آهن. جنهن ڏينهن توهين اُنهيءَ ڳنڀير ۽ وسيع علمي سچائيءَ کي پوريءَ طرح سمجهي ويندا، تڏهن توهان کي موجوده سائنس ۽ اُن جي فائدي مان، جنهن تي چند ماڻهن جو قبضو آهي، هرگز مزو ڪونہ ايندو. آخر توهان پاڻ اُنهن اُپائن کي سوچڻ جي ڪوشش ۾ لڳي ويندا، جن جي ذريعي انقلاب ۽ تبديلي اچي سگهي، ۽ جيڪڏهن توهان اها ڪوشش اهڙيءَ ئي سچائيءَ، محنت ۽ اُتساهہ سان ڪئي جهڙي هن کان اڳ ۾ سائنس جي کوجنائن ڪرڻ وقت ڪئي پئي ويئي آهي، تہ پوءِ پڪ ئي پڪ توهان سوشلزم جي اُصولن کي قبول ڪرڻ لاءِ تيار ٿي ويندا ۽ نہ رڳو تيار ٿيندا پر توهان سوشلزم ۾ اعتبار رکندڙ سماج وادين يا اشتراڪين جا ساٿي ۽ همراهہ بہ بڻجي ويندا.

تڏهن اُنهن مُٺ جيترن ماڻهن لاءِ، جن وٽ اڄ بہ عيش، آرام ۽ ذاتي فائدن کي حاصل ڪرڻ جا ڪافي ذريعا موجود آهن، وڏيڪ عيش ۽ آرام ميسر ڪري ڏيڻ جي بجاءِ توهين پنهنجي علم ۽ طاقت کي اُنهن ماڻهن جي خدمت ۾ صرف ڪرڻ لاءِ تيار ٿيندا، جن تي هُنن ٿورن ماڻهن صدين کان وٺي ظلم ۽ ناحق پئي ڪيا آهن.

اهو يقين رکو تہ جڏهن توهان ۾ پنهنجي فرض ادائيءَ کي پوري ڪرڻ جو احساس پيدا ٿيندو ۽ توهان جي خيال ۽ عمل ۾ سچي ايڪتا قائم ٿيندي، تڏهن توهان جي اندر ۾ اهڙي تہ همت ۽ بهادري پيدا ٿيندي، جنهن جي توهان کي ڪڏهن خواب ۾ بہ ڄاڻ ڪانہ هئي. آخر هڪڙو ڏينهن اهڙو بہ ايندو ۽ جلد ايندو- پوءِ ڪٽي اسان جا موجوده استاد ۽ سکيا ڏيندڙ اُن وقت تائين جيئرا نہ بہ رهن، جو اُهو انقلاب، جنهن جي لاءِ اسين هيڏي ڪوشش وٺي رهيا آهيون، پنهنجي پوري شان ۽ شوڪت سان ظاهر ٿي ويندو.

اُنهيءَ وقت ڪنهن فرد واحد جي بجاءِ سائنس ۽ اُن مان حاصل ڪيل طاقت توڙي اُن جي فائدن تي عام جو قبضو هوندو، جنهن جو نتيجو هي نڪرندو جو مزدورن ۽ پورهيتن جي محنت جو ڦل فقط انسان ذات جي ڀلائيءَ ۽ سائنس جي واڌاري ۾ ئي خرچ ٿيندو ۽ سائنس پنهنجي تيز رفتاريءَ سان ايتري ترقي ڪندي، جو اُن جي مقابلي ۾ موجوده وقت جون سموريون ڪوششون ٻارن جي راند وانگر نظر اينديون. تڏهن ئي توهان کي سائنس جو حقيقي مزو ملندو. ڇاڪاڻ ته اُن وقت سک، خوشحاليءَ ۽ سڪون جو استعمال فقط توهان اڪيلي سر حاصل نه ڪندا، پر ان ۾ توهان سان شامل عام ماڻهن جا اڻاهه ڪٽڪ به هوندا.

- سمجهو ڪٿي ته توهان قانون جو امتحان پاس ڪيو آهي ۽ وڪالت جو ڌنڌو شروع ڪرڻ وارا آهيو. سياويڪ توهان جي من ۾ پنهنجي مستقبل بابت مختلف قسمن جا خيال ۽ ويچار پيدا ٿيندا. مان مڃان ٿو ته توهين بلڪل هڪڙا بااخلاق ماڻهو آهيو ۽ خدمت خلق جي اهميت کي چڱيءَ طرح محسوس ڪريو ٿا. شايد توهان سوچيندا هوندا ته ”اسين سڄي حياتي بي انصافيءَ ۽ ظلم جي مقابلي ۾ ئي استعمال ڪنداسين ۽ عوام جي اڳيان عدل ۽ انصاف جو آدرش رکڻ جي ڪوشش ڪنداسين؛ ڇا ٻيو ڪو ڌنڌو هن کان وڌيڪ شرافت ڀريو ۽ اعليٰ ٿي سگهي ٿو؟“ هن طريقي ۾ توهين پاڻ ۾ توڙي پنهنجي پسند ڪيل ڌنڌي ۾ يقين رکي، زندگيءَ جي ميدان ۾ قدم وڌايو ٿا.

ڏاڍو چڱو هينئر اسين عدالتي رپورٽن ۽ فائيلن جا پنا اُٿلائي ڏسون ٿا ته اصل حقيقت ڇا آهي؟

ڪورٽ جي اڳيان هڪڙو مالدار زميندار اچي ٿو. هو هڪڙي جهوپڙيءَ ۾ رهندڙ هاريءَ کي ڍل نه ڏيئي سگهڻ جي ڪري زمين تان بي دخل ڪرڻ چاهي ٿو. قانون جي نگاهه کان مقدمي ۾ ڪنهن به قسم جو مونجهارو ڪونهي، ڇاڪاڻ ته غريب هاري ڍل نٿو ڏيئي سگهي، تنهن قانون جي اُصول پٽاندر ڪيس زمين تان هٽ ڪٿي قبضو ڇڏڻ گهرجي. پر جيڪڏهن اسين هن معاملي ۾ وڌيڪ ڳوڙهو وڃڻ جي ڪوشش ڪنداسون ته اسان کي ٻيو ڪجهه ڏسڻ ۾ ايندو. زميندار هميشه پنهنجي آمدنيءَ کي هر ڪنهن قسم جي عيش ۽ آرام ۾ خرچ ڪندو رهيو آهي ۽ غريب هاريءَ کي سڄي عمر سخت پورهيو ڪري پيٽ پالڻو پيو آهي. زميندار جيتوڻيڪ پنهنجي زمين جي واڌاري ۽ ترقيءَ لاءِ ڪنهن به قسم جي ڪوشش کان ڪم نه ورتو آهي، تڏهن به پنجاهه ورهين جي اندر هن جي زمين جو اگهه اڳي کان ٽيڻو ٿي ويو آهي. زمين جي اگهه وڌڻ جو سبب هڪڙي نئين ريلوي لائين جو نڪرڻ،

ڪنهن وڏيءَ سڙڪ جو اُتان گذرڻ، گپ چڪ کي سڪائي ان کي سڪل ۽ کيتيءَ لائق زمين ۾ تبديل ڪرڻ، يا غير آباد زمين جو وري نئين سر آباد ٿيڻ آهي. پر جو هاري گهٽي پاڳي مٿئينءَ ترقيءَ جو اصل سبب آهي، تنهن کي ڪوبہ فائدو ڪونہ پهتو آهي. هو برباد ٿي ويو. شاهوڪارن جي چنبي ۾ ڦاسي ڳچيءَ تائين قرض ۾ ٻڏي ويو ۽ هينئر منجهس ڍل پري ڏيڻ جي بہ طاقت ڪانہ رهي آهي. قانون هميشہ جائداد جي مالڪن ۽ هلنديءَ وارن جو ئي پاسو ڪٽندو آهي. ان جو مطلب صفا ظاهر آهي، ۽ اُنهيءَ مطابق ڏسجي پيو تہ زميندار انصاف تي آهي! پر هڪڙي ٻي ڳالهہ بہ آهي، ۽ اُها هيءَ تہ مان سمجهان ٿو تہ توهان جو حق ۽ انصاف وارو جذبو اجا قانوني قصن ۽ ورن وڪڙن ۾ بند ٿي، ٻوساٽجي مري ڪونہ ويو آهي. تنهن ڪري مون کي ٻڌايو تہ توهين هن معاملي ۾ ڇا ڪندا؟ ڇا توهين اها ڳالهہ تسليم ڪندا تہ هن هاريءَ کي سچ پچ ٻاهر ڪڍي، سڙڪ تي ڦٽو ڪرڻ گهرجي، ڇاڪاڻ تہ اها قانون جي تقاضا آهي؟ يا توهين انهيءَ ڳالهہ تي زور ڏيندا تہ زميندار کي پنهنجي سموريءَ ضرورت کان وڌيڪ آمدني هاريءَ جي حوالي ڪرڻ گهرجي، جو اُها اُن جي ئي محنت جو ڦل آهي. انصاف جو فيصلو تہ اهو ئي ٿيڻ گهرجي. اوهين ڪنهن جو پاسو وٺندا؟ قانون جو، جو دراصل انصاف جي اُبتڙ آهي، يا انصاف جو، جو موجوده انصاف جي خلاف آهي؟

يا جڏهن ڪنهن ڪارخاني جي مالڪ جي خلاف مزدورن بنا ڪنهن نوٽيس ڏيڻ جي اسٽرائيڪ ڪئي هجي يا ڪم ڪرڻ کان جواب ڏنو هجي، تہ پوءِ مهرباني ڪري مون کي ٻڌايو تہ توهين ڪنهن جو پاسو وٺندا؟ ظاهر آهي تہ توهين قانون جو پاسو ڪٽندا، جنهن جي معنيٰ تہ اوهين ڪارخاني جي مالڪ جي پٺڀرائي ڪندا، جنهن ڪنهن هلچل جو فائدو وٺي، تمام گهڻو نفعو ڪمايو آهي. يا توهين قانون جي خلاف عمل ڪري مزدورن جو طرف وٺندا، جن کي ڪڏهن بہ روزانو اٺن يا ڏهن آنن کان وڌيڪ مزدوري نہ ڏني ويئي آهي ۽ جن جون زالون ۽ ٻار هنن ڪارخانيدارن جي اکين اڳيان بُک ۾ پاهہ ٿي مري چڪا آهن؟ ڇا توهين هن جعلسازيءَ سان پريل قاعدي قانون جو پاسو وٺندا، جو ضمير جي آزاديءَ جو خاتمو ڪري ٿو، ۽ هنن ٻنهي ڌرين جي وچ ۾ ٿيل اقرار نامي جو سهارو وٺي ٿو يا توهين سچ ۽ انصاف جي حمايت ڪندا، جو اوهان کي ٻڌائي ٿو تہ اهڙو اقرارنامو جو هڪڙي خوب پيٽ پريل ۽ هڪ اهڙي ماڻهوءَ جي، وچ ۾ جنهن کي فقط پنهنجي

زندگيءَ جي بچاءَ لاءِ رات ڏينهن محنت ڪرڻي ٿي پوي. يا هڪ طاقتور ۽ ڪمزور جي وچ ۾ ٿيل آهي. تنهن کي اقرار نامو چئي ئي نٿو سگهجي.

هڪڙو بيو مقدمو ڏسو. ڪنهن وڏي شهر ۾ هڪڙو نامعلوم ماڻهو بازار ۾ گهمي رهيو آهي. ٿوريءَ دير بعد هو هڪڙي دڪان تان ٻه سير اٽو چورائي وٺي ڀڄي ٿو. پڪڙجڻ بعد جڏهن ڪانئس پڇيو ويو. تڏهن معلوم ٿيو ته هو هڪ چڱو ڪاريگر آهي پر روزگار نه ملڻ ڪري هو چوري ڪرڻ تي مجبور ٿيو آهي. چئن ڏينهن کان هن کي توڙي هن جي ٻارن کي مانيءَ جو ڀُيو به نصيب ڪونه ٿيو آهي. دڪاندار کي عرض ڪيو ويو ته هو هن غريب تي رحم ڪري، هن کي ڇڏي ڏئي. پر هو انڪار ڪري ٿو ۽ انصاف جو ڍنڍورو ڏئي ٿو. هو مقدمو داخل ڪري ٿو ۽ هن ماڻهوءَ کي ڇهه مهينا جيل جي سزا ملي ٿي. ڇاڪاڻ ته قانون ناهيندڙ انڌا اهڙو ئي فيصلو لکي ويا آهن.

ڇا، اُنهيءَ وقت، توهان جي اندر ۾ سماج جي خلاف نفرت جو جذبو پيدا نٿو ٿئي، جڏهن توهين روزانو اهڙا ڪيترائي فيصلا پنهنجن ڪنن سان ٻُڌو ٿا ۽ اکين سان ڏسو ٿا؟

يا توهين اهڙي ماڻهوءَ جي خلاف قانوني ڪارروائي ڪرڻ کي جائز سمجهندا، جنهن جي پرورش ئي خراب ۽ غلط طريقي تي ٿي آهي ۽ جنهن ۾ ننڍپڻ کان وٺي ڪوڙن ڪمن ڪرڻ جي عادت وڌي ويئي آهي؟ جنهن پنهنجي سڄي عمر ۾ ڪٿان به همدرديءَ جو لفظ ڪونه ٻُڌو آهي، ۽ آخر هڪڙي ڏينهن هن فقط هڪ رپئي جي لالچ ۾ اچي، پنهنجي پاڙيسريءَ جو خون ڪري وڌو؟ ڇا توهين چوندا ته هن کي ڦاسيءَ جي سزا ڏني وڃي، يا انهيءَ کان وڌيڪ ڪيس ڪاري پاڻيءَ موڪليو وڃي؟ ڇاڪاڻ ته توهين چڱيءَ طرح ڄاڻو ٿا ته هو ڏوهي هجڻ جي بجاءِ هڪڙو پاڳل آهي ۽ هر حالت ۾ سندس قصور لاءِ اسان جو سمورو سماج جوابدار آهي.

ڇا توهين اها دعويٰ ڪندا ته ڪپڙو اُڻندڙ مزدور جي سخت تنگيءَ ۽ نااُميديءَ جي حالت ۾ مل کي باهه لڳائڻ جي ڪوشش ڪن ٿا، تن کي قيد خاني ۾ بند ڪيو وڃي؟ يا اُهو ماڻهو جنهن هڪ ظالم بادشاهه جي بي پناهه ظلمن ڪري مٿس گوليءَ جو وار ڪيو آهي، تنهن کي جنم ٽيپ جي سزا ڏني وڃي؟ يا اُهي باغي، جي مورچي جي مٿان بيهي پنهنجي ملڪ جي آزاديءَ جو جهنڊو بلند ڪن ٿا، تن کي گوليءَ سان اُڏايو وڃي؟ نه هزار دفعا نه!

جيڪڏهن توهين انهن ڳالهين کي دهرائڻ جي بجاءِ، جي توهان کي اسڪولن ۽ ڪاليجن ۾ پاڙهيون ويون آهن، پنهنجي عقل کان ڪم وٺندا، جيڪڏهن توهين موجوده قانون جي چڱيءَ ريت جاچ ڪندا ۽ اُنهن دوکي بازيءَ

سان پريل ڪٽائن کي الڳ ڦٽو ڪرڻ جي ڪوشش ڪندا. جي قانون جي اصليت کي ڍڪڻ لاءِ گهڙيون ويون آهن. ته توهان کي پتو پئجي ويندو ته قانون جي اصليت اها آهي ته طاقتور جي جڙتو حقن جي تائيد ڪئي وڃي. هن قانون جو اصل مطلب هيءُ آهي ته اُنهن سيني ظلمن ۽ ناانصافين کي جائز ۽ صحيح ثابت ڪيو وڃي، جي صدين کان وٺي هن وقت تائين ڏاڍن هيٺن جي مٿان روا رکيا آهن. جيڪڏهن توهين قانون جي مٿين حقيقتن کان پوريءَ ريت واقف ٿيڻ جي ڪوشش ڪندا، ته پوءِ مون کي يقين آهي ته اهڙي قانون لاءِ توهان جي دل ۾ ڌڪار پيدا ٿيندي، ۽ توهين سمجهي ويندا ته ڪتابن ۾ لکيل قانون جي خادم بڻجڻ سان توهان کي روزانو ڪيتري قدر نه پنهنجي ضمير جي قانون جي برخلافي ڪرڻي پوي ٿي. پر هن قسم جي بي انصافي هميشه لاءِ قائم رهي نٿي سگهي. آخر هڪڙي ڏينهن توهان کي يا ته پنهنجي ضمير جي آواز کي دٻائي، پورو دوکيباز ۽ مڪار بڻجڻو پوندو، يا وري توهان کي پراڻي لڪير جو فقير بڻجڻ کان صفا انڪار ڪرڻو پوندو ۽ هر قسم جي اقتصادي توڙي سياسي بي انصافيءَ جو پوريءَ ريت خاتمو ڪرڻ لاءِ توهان کي اسان سان گڏجي ڪم ڪرڻو پوندو.

پر تڏهن توهان کي سماج وادي ڪونيو ويندو ۽ توهان جو شمار انقلابي ماڻهن ۾ ٿيندو.

• توهين هڪڙا نوجوان انجنيئر آهيو ۽ واپار توڙي ڪاريگريءَ جي ڪمن ۾ سائنس جا نوان طريقا اختيار ڪري، ڪاريگريءَ ۽ مزدوريءَ جي حالت سڌارڻ جا خواب ڏسي رهيا آهيو. هن ڏس ۾ اجا توهان کي ڏاڍا دوکا ڪاٽڻا پوندا، پر اُهو ڏينهن پري ڪونهي، جڏهن توهان جو هي پرم دور ٿي ويندو. توهين پنهنجي اعليٰ لياقت کان ڪم وٺي، هڪڙي نئين ريلوي لائين تيار ڪرڻ جي ڪوشش ڪريو ٿا، جا بلڪل مٿانهين هنڌن تان ڦرندي، وڏن جبلن جو سينو چيري، ٻن جدا جدا ملڪن (جن کي قدرت هن کان اڳ هڪٻئي کان جدا رکيو هو) کي ملائي ڇڏي ٿي، پر جڏهن ڪم شروع ٿئي ٿو تڏهن توهين ڏسندا ته مزدورن جا ڪٽڪن جا ڪٽڪ اونداهين سرنگهن Tunnels جي اندر اُڃ، بک ۽ بيمارين ۾ مري رهيا آهن ۽ ٻيا ڪيترا مزدور ٿورن پئسن جي عيوض سلهه جو ٻج پاڻ سان کڻي، هر روز شام جو گهر ڏانهن موٽي رهيا آهن.

معمولي لالچ جي ڪري ريلوي لائين جي زمين جو هڪڙو هڪڙو وال انساني خون جي پيئڻ کان پوءِ تيار ٿئي ٿو پڇاڙيءَ ۾ جڏهن ريلوي لائين تيار ٿئي ٿي،

تڏهن توهين ڏسو ٿا تہ توهان جي اها نئين تيار ڪيل لائين ٻئي ملڪ تي حملي ڪرڻ لاءِ توبن ۽ فوجن موڪلڻ جي ڪم ۾ لڳائي وڃي ٿي!

ٻيو مثال وٺو: توهان پنهنجي جوانيءَ جي جوش ڪي هڪ اهڙيءَ ايجاد ڪرڻ ۾ خرچ ڪريو ٿا، جنهن جي ذريعي مال جلدي ۽ سولائيءَ سان تيار ٿي سگهي. گهڻين ڪوشش ۽ راتين جي اوجاڳن بعد، پڇاڙيءَ ۾، توهين پنهنجي ڪوجنا ۾ ڪامياب ٿيو ٿا. توهين ان کي استعمال ۾ آڻيو ٿا ۽ ان جو نتيجو توهان جي اُميدن کان بہ وڌيڪ نڪري ٿو. توهان جي هن نئين ايجاد جي ڪري ڏهن ويهن هزارن مزدورن کي نوڪريءَ کان جواب ڏنو وڃي ٿو ۽ فقط چند ننڍيءَ عمر جي ٻارن کي نوڪريءَ ۾ لڳايو وڃي ٿو جن جي حالت بہ مرده مشينن وانگر بڻائي وڃي ٿي. بہ چار يا ڏهہ ويهہ مالدار ڪارخانن جا مالڪ ڪروڙين روپيا پيدا ڪري، شاهاڻي ٺٺ، پوڳ ولاس ۽ عيش آرام ۾ لڳي، انهن ڪمايل روپين کي ان نموني برباد ڪن ٿا، ڇا توهان جي مٿين ايجاد جو اهو مقصد هو؟

اهڙيءَ طرح جڏهن اوهين اڄڪلهہ جي قسم قسم جي مشينن جي ترقيءَ تي ويچار ڪندا، تہ توهان کي معلوم ٿيندو تہ سڀڻ جي مشين جي ايجاد جي ڪري سڀڻ جي ڪم ڪرڻ وارين غريب زالن کي ڪوبہ فائدو ڪونہ پهتو آهي. سخت زمين ۾ سوراخ ڪيڻ واريءَ نئين مشين جي ايجاد ٿيڻ کان پوءِ بہ کاڻين ۾ ڪم ڪندڙ مزدورن کي سَنڌن جي سور جي بيماريءَ ڪري موت جي منهن ۾ وجھو پوي ٿو. جيڪڏهن اوهين هنن سماجي سوالن تي ساڳئي آزاد ڀاوَ سان ويچار ڪندا، جهڙي نموني توهين پنهنجي نين ڪوجنائن جي باري ۾ جاچ پڙتال ڪندا آهيو، تہ توهان کي اوس هن نتيجي تي پهچڻو پوندو تہ جيستائين دنيا ۾ ذاتي ملڪيت ۽ موجوده مزدوريءَ جو طريقو قائم آهي، تيستائين هرڪا نئين ڪوجنا مزدورن جي پلي ڪرڻ جي بجاءِ سندن غلاميءَ کي اڃا بہ وڌيڪ مضبوط ڪرڻ جو باعث ٿيندي، سندن ڪم جي اهميت کي گهٽائيندي، ۽ اقتصادي بدحاليءَ جا سبب پيدا ڪندي. موجوده حالت مان فقط اُهي ئي فائدو حاصل ڪري سگهن ٿا، جن کي هر طرح جون سهوليتون ۽ سُک ميسر آهن.

جڏهن توهين هڪ دفعو هن نتيجي تي پهچي ويا، تہ پوءِ ڇا ڪندا؟ يا تہ اوهان دوکيبازيءَ سان پنهنجي ضمير کي چپ ڪرائڻ جي ڪوشش ڪندا، ۽ هڪڙي ڏينهن پنهنجي نوجوانيءَ جي سچن جذبن ۽ ويچارن کان هميشہ لاءِ موڪلائي، فقط پنهنجي عيش ۽ آرام جي طريقن کي ڳولڻ ۾ لڳي ويندا؛ تڏهن توهان غريبن کي ڦري

ڪاڻ وارن جي ٽولي ۾ شامل ٿي ويندا. پر جيڪڏهن توهان جي اندر ۾ همدرديءَ جو جذبو موجود آهي، ته توهين هي چوڻ لاءِ ضرور مجبور ٿيندا ته ”نه، هي وقت وڏيڪ ڪوجنائن ڪرڻ جو نه آهي. سڀ کان اڳ ۾ اسان کي موجوده پيدائش توڙي دولت جي موجوده طريقن کي بدلائڻ جي ڪوشش ڪرڻ گهرجي. جڏهن خانگي ملڪيت يا ذاتي جائداد جي قانون جو خاتمو ٿيندو، تڏهن ترقيءَ مان انسانذات پورو پورو فائدو حاصل ڪري سگهندي ۽ هي لکين مزدور، جي اڄڪلهه فقط مشينن جي پرزن جيان چري پري رهيا آهن، سي سچ پچ هڪڙا سمجهدار انسان بڻجي پوندا.“ ۽ پوءِ تعليمي واڌاري توڙي جسماني محنت جي ڪري، انسانذات جو هيءُ مکيه جزو پنهنجي عقل ۽ تيز ٻڌيءَ جي ذريعي، مشينن جي ترقيءَ کي اهڙي ته اوج تي رسائيندو جنهن جو اسين هن وقت ويچار به ڪري نٿا سگهون.

- باقي رهيا اسڪول جا ماسٽر صاحب، سو هنن کي مان ڇا چوان! اُنهيءَ ماستر کي نه، جو پنهنجي پيشي کي هڪڙي قسم جي بيگر ڪري سمجهي ٿو، پر اُنهيءَ کي، جو گلن جيان ٽڙندڙ ٻارن جي جهڳٽي ۾ ويهي، هنن جي محبت ڀريل نگاهن ۽ وندرائيندڙ کل ڇرچي مان خوش ٿئي ٿو جو هنن معصوم ٻارن جي ڪچڙين دلين ۾ انسانيت جي اُنهن آدرشن جو ٻج ڇٽڻ چاهي ٿو، جن بابت پنهنجي نوجوانيءَ جي زماني ۾ هميشه خواب لهندو هو.

مان توهان کي هميشه رنجيده ڏسان ٿو ۽ مون کي خبر آهي ته توهان جي ڳڻتيءَ جو ڪارڻ ڇا آهي؟ تنهن ڏينهن توهانجو هڪڙو پيارو شاگرد، جو ڏاريءَ ٻوليءَ ۾ ايتري قدر هوشيار ڪونهي، پر جو ڏاڍو آزاد خيال ۽ ڪشاده دل آهي، ڪنهن حق پرست جوڌي جوان ۽ پهلوان جي بهادريءَ جو داستان ڏاڍي جوش وچان پڙهي رهيو هو. اُنهيءَ وقت هن جون اکيون چمڪي رهيون هيون، ۽ ائين پئي معلوم ٿيو ته هو هن گهڙيءَ ئي ظالمن جو نالو نشان ميٽڻ چاهي ٿو.

پر اُهو ساڳيو شاگرد جڏهن گهر موٽيو، ته هن جي پيءُ- ماءُ ۽ چاچي کيس ڳوٺ جي مُلان، پنڊت يا صوبيدار کي سلام نه ڪرڻ جي ڪري ڏاڍو ڳالهايو. هنن هن کي دنياداري، آفيسرن جي عزت ۽ پاڻ کان مٿانهين درجي جي ماڻهن کي آڌر ۽ مان ڏيڻ جي باري ۾ هڪڙو ڊگهو ليڪچر ڪري ٻڌايو، جنهن جو نتيجو هي نڪتو جو هن اُن حق پرست سورمي جي حياتيءَ جي ڪتاب کي آئينده لاءِ نظرانداز ڪري ڇڏيو ۽ ”روحاني ترقيءَ جا اُپاءَ“ نالي ڪتاب کي پڙهڻ شروع ڪيو.

اجا ڪالهوڪي ڳالهه آهي، جو توهان کي ڪنهن چيو هو تہ توهان جا لائق ۽ صالح شاگرد اُبتو دڳ اختيار ڪري رهيا آهن. هنن مان هر هڪ شاگرد آفيسر بڻجڻ جي خوابن ڏسڻ کان سواءِ ٻيو ڪجهہ ڪونہ ٿو ڪري، يا ڪنهن وڏي ماڻهوءَ جو منظور نظر يا هٿ ٺوڪيو بڻجي، غريبن کي لُٽڻ چاهي ٿو. توهان جي دلين ۾ اُنهن نوجوانن لاءِ ڪيتريون نہ آشائون ۽ اُميدون هيون. هينئر پنهنجي آدرشن ۽ دنيا جي اصليت کي ڏسي، توهين ڳڻتيءَ ۾ پئجي ويا آهيو.

توهين پل ڪجهہ وقت تائين ڳڻتيءَ ۾ رهو. پر مان سمجهان ٿو تہ سال ٻن سالن بعد اهڙو وقت ايندو، جڏهن هر دفعي نراس ٿيڻ کان پوءِ، پڇاڙيءَ ۾ توهين پنهنجي آدرشي ڪتابن کي الماڙين ۾ بند ڪري ڇڏيندا ۽ چوندا تہ بيشڪ حق پرست سورمو هڪ زبردست محبِ وطن هو ۽ انهيءَ سان گڏ هن جو عمل جي طاقت ۾ بہ پختو يقين هو. توهين هي بہ ويچار ڪندا تہ ڪوِتا يا شاعري آرام جي وقت ڏاڍي چڱي شيءِ آهي- خاص ڪري اهڙيءَ حالت ۾ جڏهن هڪڙو ماڻهو سڄو ڏينهن اسڪول ۾ شاگردن کي ٽرقميءَ ۽ پنج رقميءَ جا حساب سمجهائي سمجهائي ٿڪجي پيو هجي، پر تڏهن بہ اها حقيقت آهي تہ شاعر ماڻهو رڳو خيال جي دنيا جا بادشاهہ آهن، ۽ زندگيءَ جي ڪشمڪش کي ختم ڪرڻ ۾ هنن کان توهان کي اڪثر ڪا بہ مدد نٿي ملي سگهي، ۽ نہ انسپيڪٽر آف اسڪول جي اچڻ وقت هنن جي ذريعي توهان کي ڪو لاڀ حاصل ٿي سگهي ٿو.

۽ ان جي اُبتڙ هي ٿيندو تہ توهان جا جوانيءَ وارا خواب وڏي عمر ٿيڻ جي ڪري پختي ۽ ڪامل يقين جي صورت ۾ تبديل ٿي ويندا. توهين چاهيندا تہ هر انسان کي، پوءِ ڪٿي هو اسڪول ۾ پڙهندو هجي يا نہ، وسيع پيماني تي اهڙي تہ سکيا ڏني وڃي، جنهن مان سچ پچ تہ انسان ذات جو ڀلو ٿي سگهي، پر اهو ڏسي تہ موجوده حالتن ۾ ائين ٿيڻ ناممڪن آهي، توهين موجوده سماجي نظام کي پاڙان پٽڻ لاءِ تيار ٿي ويندا.

هن ڪانپوءِ، جڏهن توهان جي من ۾ انهيءَ قسم جو ڦيرو اچڻ جي خبر توهان جي بالا آفيسرن کي پئجي ويندي، تڏهن توهان کي پنهنجي نوڪريءَ کان الڳ ڪيو ويندو. هاڻي توهان کي اسڪول ڇڏڻ کان پوءِ اسان ڏانهن اچڻو پوندو ۽ اسان سان ئي گڏجي ڪم ڪرڻو پوندو ۽ پوءِ توهان ٻين ماڻهن کي، جن جي لياقت وڏي عمر هئڻ جي باوجود توهان کان گهٽ آهي، اهو سمجهائيندا تہ علم ڪهڙي نہ اعليٰ شيءِ آهي، سماج جو صحيح نمونو ڪهڙو هئڻ کپي ۽ اهو ڪيئن ٺهي سگهي ٿو. توهين سماج وادين سان گڏجي موجوده سوسائٽيءَ جي طريقن کي

بنياد ڪان ئي بدلائڻ جي ڪوشش ڪندا، ۽ اهڙا حيلا هلائيندا، جن جي ذريعي سڄي سنسار لاءِ سچي ايڪتا، سچي ڀائپي ۽ سدا قائم رکڻ واري آزادگي حاصل ڪري سگهجي.

• ڀڄاڙيءَ ۾ مان فنڪارن، چترڪارن، شاعرن ۽ موسيقارن وغيره ڪان پڇان ٿو ته ڇا اوهين هي ڪونه ٿا ڏسو ته جيڪا روشني ڏيندڙ باهه توهان جي وڏن جي دلين مان شعلا ڪڍندي هئي، سا اڄ ماڻهن جي دلين ۾ ڪانه ٿي ڏسڻ ۾ اچي، ۽ فن وغيره جي ميدان ۾ بلڪل گهٽ درجي وارين شين جي گهڻائي پيئي ڏسجي؟

پر، انهيءَ ڪان سواءِ ٻيو ٿي به ڇا ٿو سگهي؟

پراڻي وقت جي حالتن ڪي وري نئين سر دهرائڻ توڙي نئين دنيا جي نظارن ڪان لطف اندوز ٿيڻ ڪري، جيڪا دماغي خوشي حاصل ٿئي ٿي، تنهن ڪان آزاد ٿي، وچئين زماني جي آرٽ ۽ مورتين وغيره جي رچنا ڪئي ويئي؛ پر اهي طريقا اڄوڪي زماني ۾ موجود نه آهن، ۽ انهيءَ سان گڏ ڪنهن انقلابي آدرش جي سامهون نه هئڻ ڪري آرٽ ۾ ڪنهن به قسم جي زندگي ڏسڻ ۾ ڪانه ٿي اچي. انهيءَ ڪري اسان جي موجوده آرٽ جو مقصد فقط نقل ڪرڻ رهجي ويو آهي. اسين ڏاڍيءَ محنت ڪرڻ ڪان پوءِ پنن تي ڪريل ماڪ جي ڦُڙن جو چتر ڪڍون ٿا يا گندن واهن جي دم گهُٽائيندڙ گندگيءَ توڙي ڪنهن اوچي درجي جي وڏشيا جي عشرت گاهه جو نهايت باريڪيءَ سان بيان ڪريون ٿا.

توهين پڇندا ته جڏهن حالت اها آهي، تڏهن ڪري ئي ڇا ٿو سگهجي؟ منهنجو جواب هيءَ آهي ته توهان پنهنجي اندر ۾ جيڪا ٻرندڙ باهه ڏسو ٿا، سا جيڪڏهن دونهون ڦهلائيندڙ جهڪيءَ بتيءَ ڪان سواءِ ٻيو ڪجهه نه آهي، ته پوءِ توهين ساڳيءَ طرح ئي ڪم ڪندا رهندا، جهڙيءَ طرح اڄ ڪم ڪري رهيا آهيو. اهڙيءَ حالت ۾ توهان جي آرٽ جي جلد ئي زواليت شروع ٿي ويندي ۽ اهو واپارين جي دڪانن ڪي سينگارڻ، ٿرڊ ڪلاس ناٽڪ گهرن جي پردن تيار ڪرڻ يا ٻارن ڪي وندرائيندڙ آکاڻين لکڻ جو هڪڙو سنئون سڌو ذريعو بڻجي ويندو. اڄ به توهان مان گهڻا ماڻهو انهيءَ ساڳئي رستي تي هلي رهيا آهن ۽ ان تي نهايت تيزيءَ سان اڳتي وڌي رهيا آهن.

پر جيڪڏهن توهان ڪي انسان ذات سان ڪا همدردي آهي، توهان جي هردي جي تار اُن جي ڏک سک ڪي محسوس ڪري وڄڻ لڳي ٿي، جيڪڏهن هڪڙي سچي شاعر وانگر توهين جيون سنگيت ڪي چڱيءَ طرح ٻڌو ٿا ته پوءِ غم ۽ ڏک جي هن اٿاهه ساگر جو نظارو ڪندي، جنهن جون خوفناڪ لهرون توهان ڪي چئني

ئي طرفن کان وڪوڙي رهيون آهن. انهن بيشمار ماڻهن کي بک وگهي پنهنجين اکين اڳيان مرندو ڏسي، هُنن ڪاٽين ۾ پريل مزدورن جي دم گهُٽندڙ محنت کي ڏسي، هُنن مورچن تي پيل ۽ چڙوچڙ لاشن جي ڍيرن کي ڏسي، ويران هنڌن توڙي ڪاري پاڻيءَ ۾ پنهنجن جسمن کي ڳارڻ جي لاءِ وڃي رهيا آهن. انهيءَ مايوس ڪندڙ جنگ کي ڏسندي، جنهن ۾ هارايل ماڻهن جو دکدائڪ نظارو ۽ ڪٽندڙن جا ڪوڪلا ٺهڪ صاف ٻُڌڻ ۾ اچن ٿا، ۽ بهادريءَ جي مقابلي ۾ ڪائرتا جي ۽ قابل تعريف مضبوط ارادي جي مقابلي ۾ چالبازيءَ جي طريقن کي ڏسندي، توهين گهڻي وقت تائين غمگين ۽ اُداس رهي نٿا سگهو. توهين ضرور اڄ نہ سڀاڻي اڳتي وڌندا ۽ آخرڪار مظلومن جي جماعت جو جهنڊو بلند ڪندا. چاڪاڻ تہ توهان کي خبر آهي تہ سچ هميشہ سڪون بخش، فتحمند ۽ سُندر ٿئي ٿو ۽ هميشہ انهن ماڻهن جي پاسي آهي، جي انسانيت ۽ انصاف لاءِ لڙي رهيا آهن.

- پڇاڙيءَ ۾ توهين ضرور مون کي چوندا: ”واهہ اها وري ڪهڙي عجيب ڳالهہ آهي! جيڪڏهن سائنس جي ڪوجنا ڪرڻ پنهنجي دلي شوق کي پورو ڪرڻ آهي، جيڪڏهن ڊاڪٽر بڻجڻ ماڻهن کي دوکو ڏيڻ آهي، جيڪڏهن قانوني پيشي جي معنيٰ بي انصافي ڦهلائڻ آهي، جيڪڏهن مشينن جي ترقي فقط ماڻهن کي لُٽڻ جو ذريعو آهي، جيڪڏهن اسڪول سچي ۽ صحيح تعليم نہ ڏيڻ ڪري بند ڪرڻ جي لائق آهن، جيڪڏهن آرٽ ڪو انقلابي آدرش پنهنجي سامهون نہ رکڻ جي ڪري، جلد ئي زواليت کي وڃي پهچي ٿو تہ پوءِ مهرباني ڪري ٻُڌايو تہ آخر ڪرڻ ڇا گهرجي؟“

اڄا ڪرڻ لاءِ اٿاهہ ڪم پيو آهي: هڪ دل ڇڪيندڙ ڪم، هڪ اهڙو ڪم، جو سچ پچ توهان جي ضمير جي مطابق آهي، هڪ اهڙو مقصد جو اعليٰ کان اعليٰ انسان ۽ زبردست روحانيت واري ماڻهوءَ جي دل ۾ بہ اُتساهہ پيدا ڪري سگهي ٿو. هينئر مان اوهان کي ٻُڌايان ٿو تہ اهو ڪم ڪهڙو آهي.

توهان جي لاءِ فقط بہ رستا کُليل آهن. يا تہ توهين هميشہ جي لاءِ پنهنجي اندر جي آواز کي، پنهنجي ضمير جي پڪار کي دوکي ۾ وجهي، پڇاڙيءَ جو هينئن چئي ڏيندا تہ ”جيستائين آءٌ سڀ ڪنهن قسم جو عيش عشرت مزي سان حاصل ڪري رهيو آهيان ۽ جيستائين عوام ايتري قدر بيوقوف آهي، جو اهو اسان جي راهہ ۾ ڪنهن بہ قسم جي رڪاوٽ نہ ٿو وجهي سگهي، تيستائين انسان ذات ۽ سندس آهہ و پڪار وڃي ڪڏ ۾ پون.“ پر جيڪڏهن ائين نہ ٿيو تہ، پوءِ توهين سماج وادين سان ملي ويندا، ۽ هنن سان گڏجي موجوده سماج کي بنياد کان ئي بدلائڻ

جي ڪوشش ڪندا. هن وقت تائين اسان جيڪا کوجنا ڪئي آهي، تنهن مان هن نتيجي تي پهتا آهيون تہ هرڪو عقل ۽ فهم رکندڙ انسان، جو پنهنجي چئن ئي طرفن جي حالت جو چڱيءَ طرح اندازو لڳائي ٿو ۽ جو پراڻي قسم جي تعليم مان پيدا ٿيل پرمن توڙي انهن جي پوئواري ڪندڙن دوستن ۽ عزيزن جي ڳالهين تي ڌيان نہ ٿو ڏئي، سو ضرور انهيءَ سياٽپ پرئي نتيجي تي پهچندو.

جڏهن اسين هڪ دفعو هن نتيجي تي وچي پهتاسون، تڏهن ئي هي سوال اُٿندو تہ ”هينئر اسان کي ڇا ڪرڻ گهرجي؟“

انهيءَ جو جواب ڏاڍو سولو آهي: اُنهيءَ سنگت يا سوسائٽيءَ ۽ حالتن مان نڪري ٻاهر ٿيو جنهن ۾ توهين رهو ٿا ۽ جنهن ۾ عام طور محنت ڪندڙ مزدورن ۽ هارين کي ”جانور“ جي نالي سان سڏيو وڃي ٿو ۽ توهين عام ماڻهن سان ۽ عام ماڻهن جي وچ ۾ رهڻ شروع ڪري ڏيو. توهان جو هي سوال پنهنجو پاڻ حل ٿي ويندو.

- دنيا ۾ هر هنڌ، انگلينڊ، فرانس، جرمني ۽ آمريڪا وغيره ۾، جتي بہ ظالم سرمايہ دارن ۽ وڏن وڏن ڪارخانن جي مالڪن جو حڪم ۽ اوج پنهنجي پوريءَ طاقت ۾ آهي، اُتي اوهين ڏسندا تہ غريب عوام، پورهيتن ۽ مزدورن ۾ هڪ زبردست هلچل پيدا ٿي رهي آهي. انهيءَ هلچل جو مقصد پئسي وارن ماڻهن جي قائم ڪيل غلاميءَ جو هميشہ لاءِ خاتمو ڪرڻ ۽ انصاف توڙي هڪ جهڙائيءَ جي بنياد تي هڪ نئين سماج جو پايو وجهڻ آهي. هينئر عام ماڻهن جو ڪم فقط پنهنجي شڪايتن جي اظهار ڪرڻ سان هلي نٿو سگهي. فقط ڏک سان پريل گيتن کي ڳائڻ سان هنن جي اندر جي باهہ وسامي نٿي سگهي، جن راڳن کي پراڻي زماني جي راجائن جي ظلمن هيٺ دٻيل هاري ۽ مزدور ڳائيندا هئا. هينئر ماڻهو پنهنجي محنت ۽ مُلهہ کي پوريءَ طرح سمجهڻ کان پوءِ هيءُ ڪم ڪرڻ چاهين ٿا، جيتوڻيڪ جي حقن جي رستي ۾ اجا تائين هڪ نہ، پر ڪيترين ئي رڪاوٽون موجود آهن. هينئر هو هميشہ انهيءَ ڳالهہ تي غور ڪندا رهن ٿا تہ اهو ڪهڙو رستو اختيار ڪجي، جنهن تي عمل ڪرڻ سان سڀ ڪنهن انسان جي حياتي وڌيڪ سُکي ٿي سگهي. بجاءِ موجوده حالتن تي ويهي ڳڻتين ڪائڻ جي، جنهن ۾ انسان ذات جي ٽين پتيءَ جيترن انسانن جي حياتي ڏينهون ڏينهن ذليل ٿي رهي آهي، هو سوسائٽيءَ جي ڏکين مسئلن تي پورو ويچار ڪندا آهن ۽ پنهنجي معمولي لياقت توڙي ڏک سان پريل تجربن جي ذريعي اُن کي حل ڪرڻ جي ڪوشش ڪندا آهن. پاڻ وانگر مصيبت ۾ مبتلا ٿيل ساٿين جو سهڪار حاصل ڪرڻ لاءِ هو پنهنجون جماعتون ٺاهيندا آهن ۽ پنهنجي جٿا بنديءَ لاءِ ڪوشش ڪندا آهن.

هو سنسٽائون ٿاهيندا آهن، جن جو ڪم ٿورڙي چندي سان ڏاڍيءَ ڏکيائيءَ سان هلندو آهي. هو ٻين ملڪن ۾ رهندڙ پنهنجي هم پيشہ ڀائرن سان برادريءَ جو رستو ڳنڍيندا آهن، ۽ اهڙيءَ طرح ان ڏينهن کي ويجهو آڻڻ جي ڪوشش ڪندا آهن، جڏهن جدا جدا قومن ۾ جنگ جو لڳڻ ناممڪن ٿي پوندو. هو شور مچائيندڙن ۽ زباني همدردي ڪندڙ پر اُپڪاري سڌارڪن جي وڏين وڏين دعوائن کي بہ رد ڪري ڇڏيندا آهن. اُنهيءَ ڳالهہ کان پوريءَ طرح واقف ٿيڻ لاءِ تہ اسان جا ڀيا ڀائر ڇا ڪري رهيا آهن، ۽ اُنهن سان پنهنجي واقفيت وڌائڻ توڙي خيالن جي ڏي وٺ ۽ پرچار ڪرڻ لاءِ هو مزدورن جون اخبارون ڪڍندا آهن، جن جي ترقيءَ ۽ واڌاري لاءِ خبر نہ آهي تہ هنن کي ڪهڙين ڪهڙين ۽ ڪيترين مشڪلاتن کي منهن ڏيڻو پوندو آهي.

هيءَ ڪهڙي نہ عجيب، اڻ ٿر ۽ اڻٿڪ جدوجهد آهي! ڪيترائي دفعا، ٽڪجي پورڻ ڪري، انجام شڪنين سبب ۽ ظلم جو شڪار بڻجڻ کان پوءِ، وڏا وڏا ڪم ڪندڙ ميدان ڇڏي ڀڄي ويندا آهن، ۽ اُنهن جي جاين تي ٻين نون ڪم ڪندڙن جي آڻڻ جو بندوبست ڪرڻو پوندو آهي. ڪڏهن بندوقن ۽ توبن جي گولين سان ليڊرن جو خاتمو ٿي ويندو آهي ۽ سمورو انتظام وري نئين سر ڪرڻو پوندو آهي؛ ڪڏهن زبردست ظلم ۽ ناانصافيءَ جي ڪري سڄو ڪم ئي صفا چٽ ٿي ويندو آهي ۽ وري نئين ڍنگ ۽ نئينءَ طاقت سان هلچل شروع ڪرڻي پوندي آهي. انهن سڀني سببن ڪري، ڪم کي بار بار نئين طرح چالو ڪرڻ سان ڪيتري نہ طاقت ضايع ڪرڻي پوي ٿي!

مزدورن جون اخبارون انهن ماڻهن جي ذريعي هلايون وينديون آهن، جي ڪنهن حد تائين پاڻ کي سستيءَ ۽ غفلت کان آزاد ڪري، زبردستيءَ ٿورو گهڻو علم حاصل ڪري وٺندا آهن. هنن جي هلچل جو سمورو دارومدار غريبن مزدورن کان ڪوڙي ڪوڙي ڪري گڏ ڪيل ڏن تي هوندو آهي، جيڪا هو زندگيءَ جي مکيہ ضرورتن جو تياڳ ڪري ۽ رکي سکي روٽيءَ تي گذارو ڪري، بچائيندا آهن. اُنهن سڀني ڪمن جي سر انجاميءَ سان گڏ هنن کي هميشہ هيءُ بہ خطرو رهندو آهي تہ جيڪڏهن ڪنهن بہ وقت هنن جي مالڪيءَ کي انهيءَ ڳالهہ جي خبر پئجي ويئي تہ هنن جو ڪوبہ مزدور يعني سندن غلام سماج وادي ٿيو آهي، انهيءَ ڏينهن کان ئي هن جي ڪٽنب کي بک ۾ پاهہ ٿيڻو پوندو.

اهي ٻالهيون آهن، جن جو اوهان کي مقابلو ڪرڻو پوندو. جيڪڏهن اوهين عام ماڻهن سان گڏجي ڪم ڪرڻ جي ڪوشش ڪندا. هن نه ختم ٿيندڙ جدوجهد ۾ غريب مزدور سون مشڪلاتن سهڻ ڪانپوءِ هيئن چوڻ لاءِ مجبور ٿين ٿا: ڪٿي آهن اهي نوجوان، جن اسان جي پئسي مان تعليم حاصل ڪئي آهي؟ جن جي لاءِ اسان، جڏهن هو اجا تعليم حاصل ڪري رهيا هئا، پنهنجا ٽيڙ وڪڻي به سندن پورائي ڪئي هئي؟ جن لاءِ اسان پنهنجي جهڪيل پنين تي وڏا بار کڻي ۽ خاليءَ پيٽ رهي، انهن عاليشان جاين، اسڪولن، ڪاليجن ۽ عجائب گهرن کي تيار ڪيو هو؟ جن جي لاءِ آسان پنهنجي رت سڪائي سندن ڪتابن کي ڇاپيو جن کي اسين پڙهي به ڪونه ٿا سگهون؟ ڪٿي آهن اهي پروفيسر، جي انساني سماج جي گيان جي دعوي ڪن ٿا، پر جن جي نگاهه ۾ هڪڙي پسونءَ جي قيمت به اسان کان وڌيڪ آهي؟ ڪٿي آهن اُهي ماڻهو جي آزاديءَ جو پرچار ڪندا ٿا وتن ۽ جن کي اسان وانگر ڪيترن ئي پورهيتن کي پيرن هيٺان لتاڙجندي ڏسڻ ڪانپوءِ به اسان جهڙن بيشمار غريبن تي ڪو ڪهڪاءُ ڪونه ٿو اچي؟ اهي ليکڪ، شاعر ۽ چترڪار سڀ ڊونگي آهن. هونئن ته اهي سڀ اکين ۾ ڳوڙها آڻي، غريبن جي ڏُکيءَ حالت جو بيان ڪندا وتندا آهن، پر انهيءَ جي باوجود هنن ڪڏهن به اسان جي ڪم ۾ اسان سان ڪنهن به قسم جي مدد ڪانه ڪئي آهي.

انهن تعليم يافته چوائيندڙ ماڻهن مان ڪي ماڻهو بزدليءَ ۽ ڪانئرتا جي طريقن سان هميشه عيش آرام ۾ ئي رهڻ جي ڪوشش ڪندا آهن، ۽ گهڻا ماڻهو هنن غريب مزدورن کي فسادي ۽ جهڳڙالو سڏي، ڪين نفرت جي نظر سان ڏسندا آهن، ۽ جيڪڏهن ڪنهن وقت به هو اُنهن جي ضرورت کان وڌيڪ حاصل ڪيل حقن تي حملو ڪرڻ چاهيندا آهن ته هي پونجيءَ ۽ طاقت جا مالڪ پنهنجي طرفان هنن کي هميشه لاءِ ختم ڪرڻ جي ڪوشش ڪندا آهن.

- اهو سچ آهي ته وقت وقت تي ڪو نوجوان اڳيان اچي ٿو، جو هن انقلابي جنگ جي فوجي هٿيارن ۽ مورچن جا خواب لهي ٿو ۽ جو حيرت ڦهلائيندڙ نظارن ۽ جذباتي حالتن جي تلاش ۾ رهي ٿو پر جڏهن هو ڏسي ٿو ته مورچن جي طرف ڏانهن ويندڙ سڙڪ ڏاڍي ڊگهي آهي، ۽ رستي ۾ هو جن گلن جي آشا رکي ٿو، تن سان گڏ تکا ڪنڊا به موجود آهن، اهڙي وقت هو عوام جي فائدي ۽ بهتريءَ کان منهن موڙي وڃي ٿو. گهڻو ڪري، اهڙا ماڻهو خود غرض ٿيندا آهن، جي پنهنجي شروعاتي ڪوشش ۾ ڪامياب ٿي عام جي همدردي حاصل ڪرڻ چاهيندا آهن، پر جڏهن عوام سندن اُصولن کي عمل ۾ آڻڻ جي ڪوشش ڪندي آهي، جن جو

اُن کان اڳ ۾ هنن پرچار پئي ڪيو تڏهين هي انهن جا سخت مخالف بڻجي ويندا آهن، ۽ جيڪڏهن ويچارا مزدور هنن جي حڪمن کان سواءِ ڪڏهن به اڳتي وڌڻ جي ڪا ڪوشش ڪن، ته هي ليڊر صاحب شايد هنن کي گوليءَ جو نشانو بڻائڻ کان به نه رهن.

نه فقط ايترو، پر گهڻا ئي ماڻهو پنهنجي بيوقوفيءَ جي ڪري، عوام جي بي عزتي ڪرڻ ۾ ڏاڍي وڏائي ۽ فخر ڏيکاريندا آهن ۽ عام ماڻهن کي بدنام ڪري ۽ گهٽ وڌ ڳالهائي پنهنجي ڪانئرتا جو ثبوت ڏيندا آهن. جنتا جي بهتريءَ ۽ ڀلائيءَ وارين هلچلن کي وچولي درجي جا هي سستيءَ شهرت جا ڳولائو پڙهيل نوجوان اهڙي ئي قسم جي ”مدد ۽ سهائتا“ پهچائيندا آهن.

انهيءَ هوندي به توهين پڇو ٿا ته ”اسين ڇا ڪريون؟“ ڇا توهين ڏسي نٿا سگهو ته اجا سمورو ڪم جيڪو ڪرڻو آهي، سو ائين جو ائين رهيل آهي؟ عام ماڻهن، جيڪو زبردست ڪم پنهنجن هٿن ۾ ڪنيو آهي، سو ايترو ته وسيع ۽ زبردست آهي، جو ان ۾ هزارن لکن نوجوانن کي پنهنجي جوانيءَ جي سموريءَ طاقت ۽ پنهنجي پوري عقل ۽ لياقت کي ڪم آڻڻ کان پوءِ به، جيترو به هو چاهين، کين عام جي خدمت جو نئين کان نئون موقعو ملي سگهي ٿو.

تڏهن ڀلا ڇا ڪجي؟ ٻڌو: جيڪڏهن توهين سائنس ۽ فلسفي جا پريمي آهيو، جيڪڏهن توهين سماج واد يا اشتراڪيت جي اُصولن کي چڱيءَ طرح قبول ڪري چڪا آهيو، جيڪڏهن توهين انقلاب جي اصلي مطلب کي سمجهي چڪا آهيو جو هن وقت به اسان جو در کڙڪائي رهيو آهي، ته پوءِ ڇا توهين اهو سمجهي نٿا سگهو ته سائنس کي نون اُصولن جي مطابق بڻائڻ لاءِ اهو ضروري آهي ته اُن جي هر شاخ کي نئين سر سرسبز ۽ سائي ڪرڻ لاءِ، اُن جي اڳين سُڪل ۽ پراڻن پنن جي صفائي ڪئي وڃي؟ توهان جو فرض آهي ته توهين هن ميدان ۾ ايتري قدر انقلاب برپا ڪري ڇڏيو، جيترو گذريل سئو ورهين جي سائنس جي ترقيءَ جي ذريعي به حاصل نه ٿي سگهيو آهي. ڇا توهان کي اها خبر ڪانهي ته اڄڪلهه جا تاريخي ڪتاب رڳو انهن قصن جي ڪتابن وانگر آهن، جن ۾ وڏن وڏن بادشاهن ۽ وڏين وڏين راڄ سياڻن ۽ پارلئامينٽن جي قصن کان سواءِ ٻيو ڪجهه به ڪونه آهي؟ هينئر تاريخ به نئين طرح لکڻ گهرجي، جنهن ۾ ڏيکاريو وڃي ته انسان ذات جي ترقيءَ جي معاملي ۾ عام ماڻهن جو ڪيترو حصو آهي. ساڳيءَ طرح علم اقتصادي يا ارٿ شاستر، جو اڄ ڪالهه فقط مالدار ماڻهن جي لُٽ

جي پئسي کي پاڪ ۽ پوتر ثابت ڪرڻ جو هڪ ذريعو آهي. سو پڻ وري نئين سر تيار ٿيڻ گهرجي. ان جي بنيادي اُصولن ۽ اُپاوَن کي عام فهم طريقن تي ظاهر ڪرڻ گهرجي. نه رڳو ايترو پر انساني سوسائٽيءَ سان تعلق رکندڙ سمورن مسئلن ۽ سوالن کي وري هڪ نئين ڍنگ سان موجوده زماني جي ضرورتن ۽ حالتن موجب ڪٽڻ گهرجي ۽ انهن جي ڇنڊ ڇاڻ ڪرڻ گهرجي. علم ۽ سائنس جي مختلف شاخن ۾ به هڪ زبردست انقلاب جي ضرورت آهي.

هاڻي ئي اوهان ڪم شروع ڪري سگهو ٿا. هينئر ئي توهين ڪم کي شروع ڪريو. پنهنجي لياقت کي اعليٰ مقصد جي پوراءَ لاءِ خرچ ڪريو. خاص ڪري پنهنجي ذهني طاقت جي ذريعي موجوده انڌن عقيدن کي دور ڪرڻ ۾ توڙي پنهنجي اعليٰ قابليت جي ذريعي اسان کي هڪ نئين سماج جي بنياد وجهڻ ۾ مدد ڏيو. نه فقط ايترو پر اسان کي پنهنجي روزاني ڪاروهنوار ۾ به همٿ ۽ دليريءَ سان ڪم ڪرڻ جي سکيا ڏيو جو علمي کوجنا جو مکيه جزو آهي. اهڙيءَ طرح اوهين اسان کي ثابت ڪري ڏيکاريو ته انسان سچ جي لاءِ ڪهڙيءَ طرح نه سڀ ڪجهه قربان ڪري سگهي ٿو.

جيڪڏهن توهين ڊاڪٽر آهيو ۽ توهان پنهنجي ذاتي تجربي جي بنياد تي سماج واد جي سچائيءَ کي محسوس ڪيو آهي ته پوءِ توهان جو فرض آهي ته بنا ڪنهن دير جي هميشه اسان کي ٻڌائيندا رهو ته جيڪڏهن ماڻهن جي رهڻ سهڻ جو طريقو ۽ مزدوريءَ جي موجوده حالت ساڳيءَ طرح قائم رهي، ته انساني سماج بلڪل تيزيءَ سان زواليت کي ويجهو وڃي رسندو. توهين ماڻهن کي سمجهايو ته جيستائين اوهان جي پيدائش ۽ پرورش اهڙيءَ حالت ۾ ٿيندي رهندي، جو تندرستيءَ جي بچاءَ لاءِ علم ۽ سائنس جو فائدو گهٽن ماڻهن کي ملي نه سگهندو، ته پوءِ ڊاڪٽرن جون سموريون دوائون ۽ اُنهن جا علاج عام ماڻهن جو ڪو خاص بچاءُ ڪري نٿا سگهن. ماڻهن کي يقين ڏياريو ته موجوده سرشتو ئي اسان جي پريشانيءَ ۽ ڏکن جو ڪارڻ آهي، تنهن ڪري ضروري آهي ته ان کي بنياد کان ئي پٽي ڦٽو ڪيو وڃي. انهيءَ سان گڏ ماڻهن کي هي به ٻڌايو ته اهو سرشتو ڪهڙيءَ طرح مٽائي سگهجي ٿو.

پنهنجا اوزار کڻي اچو ۽ پنهنجن مضبوط هٿن سان اسان جي موجوده سماجي سرشتي کي نشتر مان ڪپي ڦٽو ڪريو، جو ڏاڍي تيزيءَ سان هڪ ناسور جي صورت وٺي رهيو آهي . ماڻهن کي ٻڌايو ته عقلمنديءَ سان زندگي گذارڻ جو ڪهڙو

رستو آهي ۽ ان کي ڪهڙيءَ ريت حاصل ڪري سگهجي ٿو؟ هڪڙي ڪامل جراح وانگر هن ڳالهہ تي زور ڏيو تہ مرده انگ کي ڪٽي ڌار ڪرڻ وڌيڪ بهتر آهي، نہ تہ هو سڄي جسم ۾ زهر پيدا ڪري ڇڏيندو.

جيڪڏهن توهان مشينن ۽ ڪاريگريءَ جو اڀياس ڪيو آهي، تہ مهرباني ڪري مون کي ٻڌايو تہ توهان جي ڪوجنائن جو ڪهڙو نتيجو نڪتو؟ اڄا تائين، جي ماڻهو مستقبل جي بهتريءَ جو رستو ونڻ کان گهبرائين ٿا، تن کي يقين ڏياريو تہ هن وقت تائين انسان جيڪو علم حاصل ڪري چڪو آهي، تنهن جي ذريعي ئي وڏيون وڏيون ڪوجنائون ڪري سگهجن ٿيون. هنن کي سمجهايو تہ جيڪڏهن موجوده ڪارخانن جي واڳ چند آڱرين تي ڳڻڻ جيترن سرمائيدارن جي بجاءِ عوام جي هٿ ۾ هوندي، تہ ان مان جيڪو ڦل نڪرندو، سو سچ پچ تہ حيران ڪندڙ هوندو.

جيڪڏهن سڀيئي ماڻهو فقط انسان ذات جي بهتريءَ کي مدنظر رکي شيون پيدا ڪن، تہ پيداوار اڄ کان تمام گهڻي وڌائي سگهجي ٿي.

جيڪڏهن توهين شاعر، چترڪار، آرٽسٽ ۽ علم سنگيت جا ماهر آهيو ۽ توهين پنهنجي فرض کي چڱيءَ طرح سڃاڻو ٿا، پنهنجي فن جي اهميت ۽ فائدي کي پڻ محسوس ڪريو ٿا، تہ پوءِ مون وٽ اچو ۽ پنهنجي قلم، پينسل، برش ۽ هٿوڙيءَ کي ۽ پنهنجن ويچارن کي انقلاب جي راهہ ۾ استعمال ڪريو. پنهنجي اُتساهہ پيدا ڪندڙ تخليق توڙي آرٽ ۽ ڪاريگريءَ جي ذريعي اُنهن بهادرانہ ڪارنامن جو نقشو ڪڍي ڏيکاريو جنهن ۾ مظلوم عوام ظالمن جو مقابلو ڪري رهيو هجي. نوجوانن جي دلين ۾ انقلاب جي اها باهہ پيدا ڪريو جهڙي اسان کان اڳ گذريل انقلابين جي دلين ۾ موجود هئي. زالن کي سمجهايو تہ جيڪو مرد پنهنجي زندگي انسان ذات جي خذمت ۽ ڀلائيءَ ۾ صرف ڪري ٿو سو ئي هڪ اهڙو انسان آهي، جنهن تي آئينده نسل هميشہ فخر ڪري سگهن ٿا. ماڻهن کي انهيءَ ڳالهہ جي پڪ ڏياريو تہ انقلاب کان پوءِ هنن جي زندگي ڪيتري قدر نہ شاندار ٿي سگهي ٿي. موجوده سماجي سرشتي ڪري جيڪي خرابيون پيدا ٿين ٿيون ۽ جيڪا دنيا ۾ بي چيني ڦهلجي ٿي، تن کان پڻ هنن کي واقف ڪريو.

پڇاڙيءَ ۾ توهين سڀ ماڻهو جن وٽ علم، گفتار جي طاقت ۽ لياقت توڙي محنت جا ڳڻ آهن ۽ انهيءَ سان گڏ جيڪڏهن توهان جي دلين ۾ ذري جيتري بہ همدردي موجود آهي، تہ اچو پاڻ اچو ۽ پنهنجن دوستن کي بہ وٺي اچو ۽ پنهنجن خذمتن کي انهن ماڻهن جي لاءِ وقف ڪريو، جن کي اوهان جي سڀ کان وڌيڪ

ضرورت آهي، پر ايترو ياد رکجو ته جيڪڏهن توهين اچو ٿا ته مالڪ بڻجي نه. پر هڪڙا ساٿي، رفيق ۽ دوست بڻجي اڳتي وڌو. هن ميدان ۾ توهين حڪومت ڪرڻ لاءِ ڪونه ٿا اچو پر هڪ نئينءَ زندگيءَ ۾ داخل ٿيڻ ۽ هڪ نئين طاقت حاصل ڪرڻ لاءِ اچو ٿا، جنهن جي ذريعي مستقبل ۾ توهين ۽ توهان جا لکين ڪروڙين پائر زبردست ترقي ۽ ڪاميابي حاصل ڪري سگهندا. توهان جو ڪم فقط ماڻهن کي ڏيڻ نه آهي، پر اوهان جو مکيه فرض ماڻهن جي قدرتي خواهشن کي جاچڻ، هنن کي سمجهائڻ ۽ صحيح رستي تي لڳائڻ آهي. اهو ڪم توهان کي بنا ڪنهن آرام يا جلد بازيءَ جي، پنهنجي مڪمل اتساهه ۽ سچيءَ حياتيءَ جي تجربي کي لڳائي، پورو ڪرڻو پوندو. فقط ائين ڪرڻ سان ئي توهين پنهنجي ضمير جي آواز مطابق هڪ اعليٰ زندگي گذاري ڪري سگهو ٿا. تڏهن توهين ڏسندا ته انهيءَ راهه ۾ توهان جون سڀ ورتل ڪوششون ڪامياب ۽ سَجايون ٿي رهيون آهن. جڏهن هڪ دفعو توهان جي عمل ۽ توهان جي دلي ارادن جي وچ ۾ هن قسم جي هڪ اعليٰ درجي جي ايڪتا قائم ٿي ويندي، ته پوءِ توهان ۾ ڪم ڪرڻ جي هڪ اهڙي طاقت پيدا ٿيندي، جنهن جو هن وقت تائين توهين تصور به نه ڪري سگهيا هوندا ۽ جا طاقت هن وقت تائين توهان جي اندر ۾ سجاڳ ئي نه ٿي آهي. انهيءَ طريقي توهين عوام جي وچ ۾ رهندي، سچ، انصاف ۽ هڪجهڙائيءَ کي قائم ڪرڻ لاءِ هڪ اڏول ۽ اٽٽر جدوجهد جاري رکي سگهندا، جنهن جي ذريعي توهين عام کي پنهنجو احسانمند بڻائي سگهندا. ڪهڙي به ڪتنب جا نوجوان هن ڪان وڌيڪ ٻيءَ ڪنهن به اعليٰ زندگيءَ جي خواهش رکي نٿا سگهن.

مان، پڇاڙيءَ ۾ پاڻ کي اعليٰ درجي جو ماڻهو سڏائيندڙن ۽ دولتمندن کي به اهو چوندس ته توهان جي زندگيءَ ۾ جيڪي خرابيون پيدا ٿين ٿيون، انهن کان ڇوٽڪارو حاصل ڪرڻ لاءِ توهان کي به لاچار ٿي- جيڪڏهن توهين سچ ۽ انصاف جا پوڄاري آهيو- سماج وادين ڏانهن ئي اچڻو پوندو، هنن سان گڏجي ڪم ڪرڻو پوندو ۽ هنن سان ملي سماجي انقلاب جي ڪاميابيءَ لاءِ ڪوشش ڪرڻي پوندي. هينئر اوهان کي معلوم ٿيو هوندو ته هيءَ اُصول ڪيتري قدر ته سياويڪ ۽ آسانيءَ سان سمجهه ۾ اچڻ جهڙا آهن. پر جيڪڏهن اسين ڪنهن اهڙي ماڻهوءَ کي هيءَ ڳالهه سمجهائڻ چاهيون، جنهن تي سرمايه دارن ۽ اُنهن جي ايجنٽن جي ڳالهين ۽ ڪمن جو پورو اثر پئجي چڪو آهي، ته پوءِ اهو ضرور آهي ته اسان کي ائين ڪرڻ

۾ گهٽن جا پول پڌرا ڪرڻا پوندا، گهٽن ئي ڏونگين جا ڏونگ ظاهر ڪرڻا پوندا، ۽ ڪيترين ئي خود غرضين کي مٽائڻو پوندو.

- هينئر مان غريب طبقي جي نوجوانن کان ڪجهہ پڇڻ چاهيان ٿو پر هن دؤر ۾ ان بابت گهڻيءَ سمجهاڻيءَ جي ضرورت ڪانهي. ڇاڪاڻ تہ جيتوڻيڪ توهان ۾ همت ۽ سمجهہ جو مادو ڪٺي گهٽ هجي، پر حالتن جي دٻاءَ ڪري توهان کي پنهنجو پاڻ سماج وادي بڻجڻو پوندو.

جو نوجوان غريب، ڪٽنب ۾ پيدا ٿي، پنهنجي طاقت کي سماج واد جي ڪاميابيءَ لاءِ صرف نٿو ڪري، سو اهو ثابت ٿو ڪري تہ ڪيس مرض جي اصلي علاج جي ڪابہ خبر ڪانهي ۽ هو اوندهہ ۾ ٿاڦوڙا هڻي رهيو آهي. ڇا توهان کي اهو وقت ياد آهي، جڏهن توهين اجا ٻار هئا ۽ سرديءَ جي موسم ۾ هڪڙي ڏينهن پنهنجي ننڍڙي اڱڻ ۾ راند ڪري رهيا هئا؟ اُنهيءَ وقت توهان پنهنجي ڦاٽل ڪپڙن جي ڪري ٿڌ ۾ ڏڪي رهيا هئا ۽ توهان جي ڇڳل جتين ۾ پڻ مٽي پريل هئي. اُن وقت توهان ڪن ٿلهن متارن ڇوڪرن کي خوب اُڇن ڪپڙن سان سڙڪ تان لنگهندي ڏٺو ۽ هي بہ توهان ڏٺو هوندو تہ جيتوڻيڪ اُنهن ٻارن کي اعليٰ کان اعليٰ ڪپڙا پيل هئا، پر عقل ۽ ڪم ڪرڻ جي طاقت ۾ اُهي ڪنهن بہ صورت ۾ توهان کان توڙي توهان جي ساٿين کان وڌيڪ نہ هئا. انهيءَ کان پوءِ لاچاريءَ کان، توهان کي هڪڙي گندي ڪارخاني ۾ بند ٿيڻ بعد، صبح جو ڇهين بجي کان وٺي رات جو اٺين ڏهين بجي تائين، مشينن سان گڏ مشين بڻجڻو پوندو ۽ ورهين تائين رات ڏينهن مشينن جي ٽڪا ٽوڪيءَ ۾ رهي، پاڻ کي بہ ساڳيءَ طرح مشينن جي پرزن وانگر گسائڻو ۽ ڪمزور ڪرڻو پوندو. انهيءَ وچ ۾ هو ٿلها متارا ڇوڪرا بنا ڪنهن فڪر ۽ ڳڻتيءَ جي اسڪولن، ڪاليجن ۽ يونيورسٽين ۾ تعليم حاصل ڪندا رهندا. اُهي ساڳيا شاهوڪاري ٻار، جي عقل ۽ فهم ۾ سچ پچ توهان کان گهٽ آهن، پر ڇاڪاڻ تہ کين تعليم حاصل ڪرڻ جو چڱو موقعو مليو آهي، تنهن ڪري اڄ هو توهان جا مالڪ ۽ آقا آهن ۽ زندگيءَ جي سيني خوشين توڙي تهذيب ۽ شائستگيءَ جي سيني ذريعن کي بلڪل فرحت ۽ مزي سان استعمال ڪري رهيا آهن.

پر توهان جو اڄڪلهہ ڪهڙو حال آهي؟ توهين روزانو ڪم تان موٽي هڪڙي ننڍڙي اونداهي ۽ سم ڪاڌل گهر ۾ اچو ٿا، جتي هڪڙيءَ تنگ جاءِ اندر پنجن ڇهن ماڻهن کي جانورن وانگر رهڻو پوي ٿو. انهيءَ ساڳيءَ ڪوٺيءَ ۾ توهان جي ماءُ آهي، جا پنهنجي حياتيءَ کان بيزار ٿي چڪي آهي ۽ وڏيءَ عمر جي ڪري

نہ پر گھٽيءَ ڳٽتيءَ ۾ فڪر جي ڪري ٻڏي ٿي ويئي آهي ۽ جا توهان کي پڻ ڪاٽڻ لاءِ سڪل ماني ۽ پاٽيءَ وانگر پتري دال ڏيڻ لاءِ مجبور آهي. هوڏانهن توهان جي سامهون سوچ ويچار ڪرڻ لاءِ هميشہ هڪڙو ئي سوال رهي ٿو- ”مان دڪاندار کي اٿي جا پئسا ڪٿان ڏيندس، ۽ ٻئي ڏينهن جيڪا جاءِ جي مسواڙ ڏيڻي اٿن، سا ڪٿان ادا ڪندس؟“

ڇا، توهين انهيءَ قسم جي ئي ڏکن سان ڀريل زندگي گذارڻ چاهيو ٿا، جهڙي توهان جا ماءُ- پيءُ ٽيهن چاليهن ورهين کان گذاري چڪا آهن؟ ڇا، توهان فقط ٻين ماڻهن جي جسماني ۽ مالي فائدن، سندن عيش ۽ آرام لاءِ سڄي عمر ايئن ئي ڍورن وانگر وهندا رهندا؟ ۽ پاڻ صبح کان وٺي سانجهيءَ تائين رڳو انهيءَ ئي ڳڻتيءَ ۾ ڦاٿل رهندا تہ سڀاڻي ڪاٽڻ لاءِ مانيءَ ٽڪر نصيب ٿيندو يا نہ؟ ڇا، ٻورن ماڻهن کي هر قسم جي عيش ۽ آرام جو سامان ميسر ٿيندو رهي ۽ توهين اُنهن شين کان هميشہ جي لاءِ محروم رهو جن جي ذريعي زندگيءَ جو لطف حاصل ٿئي ٿو..... توهين رات- ڏينهن جي محنت ڪري پاڻ کي هيٺو ۽ ڪمزور بڻائيندا ۽ اُن جي عيوض، جڏهن تڪليف جو وقت اچي، تڏهن عذاب ڀوڳڻ قبول ڪندا؟

ڇا، توهين فقط انهيءَ قسم جي زندگي گذارڻ چاهيو ٿا؟

شايد توهين انهيءَ لاءِ بہ تيار ٿي وڃو! توهان کي جنهن حالت ۾ هينئر رهڻو پوي ٿو تنهن مان ٻاهر نڪرڻ جو ڪو رستو نہ ڏسي، شايد توهين هيئن چوڻ لاءِ مجبور ٿيو تہ ”جڏهن سڄي دنيا هن مصيبت ۾ مبتلا آهي ۽ جڏهن اسين انهيءَ حالت مان نڪري ٻاهر ٿيڻ لاءِ ڪجهہ ڪري بہ ڪونہ ٿا سگهون، تڏهن اسان کي اها حالت برداشت ڪرڻ گهرجي. اهڙيءَ حالت ۾ فقط اهو ممڪن آهي تہ محنت ڪندا رهون ۽ جهڙيءَ طرح بہ ٿي سگهي، زندهہ رهڻ جي ڪوشش ڪريون.“

ڇڱو! جيڪڏهن توهان جو اهڙو ئي ويچار آهي، تہ پوءِ ڪنهن ڏينهن زندگيءَ جو ڪونہ ڪو واقعو پاڻهي توهان جون اکيون کوليندو.

هڪڙي سال ملڪ ۾ ڏڪار پوي ٿو- اهڙو ڏڪار نہ، جهڙا اڳي بہ هر هر پوندا رهندا هئا ۽ ڪجهہ وقت گذرڻ کان پوءِ ختم ٿي ويندا هئا، پر هڪ اهڙو ڏڪار پوي ٿو جو هر ڪنهن قسم جي واپار ۽ ڪاريگريءَ کي پوريءَ طرح نيست و نابود ڪري ڇڏي ٿو جو هزارن مزدورن کي مصيبت ۾ مبتلا ڪري ڇڏي ٿو جو سوَن ڪٽنبن جو نالو نشان مٽائي ڇڏي ٿو. توهين پڻ ٻين وانگر هن مصيبت کان بچڻ لاءِ هٿ پير هلايو ٿا. پر جلد ئي توهين ڏسندا تہ ڪهڙيءَ طرح نہ توهان جا ٻار،

زالون ۽ مٿ مائٽ آهستي آهستي بک جي باهہ ۾ وکوڙيا وڃن ٿا، ۽ توهان جي اکين سامهون موت جو شڪار ٿين ٿا. فقط پوري ۽ طاقتور ڪاڏي جي گهٽتائيءَ ۽ دوا درمل جي ڪميءَ ڪري، هو پنهنجي حياتي هڪڙيءَ ڇڳل ڪٽ تي ئي پوري ڪري ڇڏين ٿا. پر اهڙي ساڳئي ڏڪئي وقت، مالدارماڻهو وڏن وڏن شهرن جي شاندار سڙڪن تي، سينگاريل محلاتن جي اندر، زندگيءَ جا مزا اُڏائيندا نظر اچن ٿا، ۽ هنن بک ۾ مرندڙن جو هو پُلجي بہ خيال ڪونہ ٿا ڪن. تڏهن توهين سمجهندا تہ موجوده سماج ڪيتري قدر نہ نفرت جي لائق آهي. هن بعد توهين ڏڪار جي اصلي ڪارڻ تي ويچار ڪرڻ شروع ڪندا ۽ پنهنجي ڪوجنا جي ذريعي توهين هن ننڍڙ جوڳيءَ حالت جي اصلي رازن ڪان چڱيءَ طرح واقف ٿي ويندا، جنهن جي ڪري لکن ماڻهن کي ٿورڙن نڪمن ۽ تڇ ماڻهن جي لالچ جو شڪار بڻجڻو پوي ٿو ۽ انهن جي مهربانيءَ جي سهڪاري حياتي گذارڻي پوي ٿي. تڏهين توهين سمجهندا تہ سماج وادين جو هي چوڻ بلڪل درست آهي تہ موجوده سماج کي پيرن ڪان وٺي مٿي تائين بلڪل چڱيءَ طرح تبديل ڪرڻ جي ضرورت آهي، ۽ اهڙي تبديلي آڻي بہ سگهجي ٿي.

هينئر اسين مٿين ڳالهين کي ڇڏي خود توهان جي شخصي مثال تي ئي ويچار ڪريون ٿا. هڪڙي ڏينهن توهان جو مالڪ توهان جي روزاني مزدوريءَ کي اڳي ڪان بہ وڌيڪ گهٽائڻ جي ڪوشش ڪري ٿو ۽ اهڙيءَ ريت توهان جي ذريعي پنهنجيءَ تجوڙيءَ ۾ اڳي ڪان بہ گهڻو ڌن گڏ ڪرڻ جي ڪوشش ڪري ٿو. توهين ڪيتري بہ ڪٽي اهڙيءَ بي انصافيءَ جي مخالفت ڪندا، پر هو توهان کي گهمنڊ سان جواب ڏيئي چوندو: "نڪري وڃو ۽ وڃي گاهہ ڪائي گذارو ڪريو- جيڪڏهن توهين ايتريءَ مزدوريءَ تي ڪم ڪرڻ لاءِ تيار نہ آهيو!" تڏهن توهين سمجهندا تہ توهان جو مالڪ توهان کي فقط رڍن وانگر هڪلڻ ئي نٿو چاهي، پر هو سچ پچ تہ توهان کي هڪڙو گهٽ درجي جو جانور سمجهي ٿو. هو توهان کي نوڪريءَ جي ذريعي پنهنجي ظلمي چنبي ۾ رکڻ سان ئي خوش نٿو ٿئي، پر هُو چاهي ٿو تہ توهان کي پوريءَ طرح پنهنجو غلام ڪري رکي. اهڙي وقت يا تہ توهين سندس اڳيان ڪنڌ جهڪائي انسانيت جي شرف کي اُڇلائي ڇڏيندا، ۽ وڏي ڪان وڏي بيعزتي سهندي بہ پنهنجي حياتيءَ جا ڏينهن پورا ڪندا. يا وري توهان جو رت ٽهڪڻ لڳندو ۽ توهين پنهنجي انتهائي ذلت کي ڏسي، ڏڪي ويندا ۽ اُن ظالم ۽ مغرور انسان کي جهڙي جو تهڙو جواب ڏيندا. تڏهن توهان کي نوڪريءَ ڪان الڳ

ٿي رستن تي ڌڪا ڪاٽڻا پوندا، ۽ توهين آخر سمجهي ويندا تہ سماج وادين جو هي چوڻ بلڪل ٺيڪ آهي تہ ”اُٿي ڪڙا ٿيو ۽ اقتصادي غلاميءَ جي خلاف بغاوت جو جهنڊو بلند ڪريو.“ تڏهين توهين سماج وادين وٽ ايندا ۽ اُنهن سان شامل ٿي اهڙي ڪوشش ڪندا، جنهن جي ذريعي هر ڪنهن قسم جي اقتصادي، سياسي توڙي سماجي غلاميءَ جو هميشہ لاءِ خاتمو ٿي وڃي.

- ڪنهن ڏينهن توهان کي اُنهيءَ موهيندڙ شڪل نوجوان عورت جو قصو ٻُڌڻ ۾ ايندو جنهن جي مستاني چال، رسيلي گفتگو ۽ شريفانہ ورتاءَ جي ڪري توهان جو من خوشيءَ وچان اُڇلون ڏيندو هو. هوءَ ورهين تائين پنهنجي حالت سڌارڻ لاءِ هر ڪا ڪوشش ڪندي رهي، پر آخر مايوس ٿي ڪنهن وڏي شهر ڏانهن هلي آئي. ڪيس اها چاڻ هئي تہ اهڙي هنڌ هن جهڙيءَ نوجوان عورت جو گذارو ڪرڻ ڏکيو هوندو آهي، پر تڏهن بہ ڪيس اها اُميد هئي تہ محنت مزوري ڪري ٻيو نہ تہ پنهنجو پيٽ تہ ضرور پالي سگهندي. پر توهان کي خبر آهي تہ اُن کان پوءِ نتيجو ڪهڙو نڪتو؟ هڪڙو شاهوڪار نوجوان ڪيس منيون منيون ڳالهيون ٻُڌائي، پنهنجي گهر وٺي ويو جنهن بعد هن نوجوان عورت پنهنجو پاڻ ڪٽي هن مالدار نوجوان جي حوالي ڪيو پر ٿورن ڏينهن ۾ ئي ان نوجوان پنهنجي نفساني خواهش جي پوراءَ کان پوءِ هن کي ڪير ۾ پيل مک وانگر هڪلي ٻاهر ڪيو. هينئر سندس سر تي هڪ ٻار جو بار بہ هو. هوءَ ڏاڍي همت پري زال هئي ۽ لڳاتار مشڪلاتن جو مقابلو ڪري، هن جا حواس ڪم ڪرڻ کان جواب ڏيئي بيٺا، ۽ هن پنهنجي زندگيءَ جا پويان پساهہ هڪڙيءَ خيراتي اسپتال ۾ پهچي ختم ڪيا.

غريب پيئرو! ڇا اهڙين حالتن کي ڏسي توهين خاموش رهنديون، ۽ هن ذلت مان نڪري ٻاهر ٿيڻ جو ڪوبہ اُپاءُ ڳولي نہ لهنديون؟ جڏهين توهين پنهنجي ٻار کي ڪير پياريندي ۽ سندس نرم وارن تي هٿ گهمائيندي، ڪيس پيار ڪنديون آهيو تڏهن ڇا توهان جي من ۾ ڪڏهن هيءُ بہ خيال پيدا ٿيو آهي تہ جيڪڏهن سماج جي موجوده حالتن ۾ ڪو ڦيرو نہ آيو تہ پوءِ توهان جي هن گود ۾ پيل ٻار جو اڳتي هلي ڪهڙو حشر ٿيندو؟ ڇا، توهان ڪڏهن هن ڳالهہ تي ويچار ڪونہ ڪيو آهي، تہ توهان جي معصوم پيئرن ۽ توهان جي اولاد جو اڳتي هلي ڪهڙو حشر ٿيندو؟ ڇا، توهين چاهيو ٿيون تہ توهان جا ٻار بہ ساڳيءَ طرح گاهہ ۽ ٻوٽن وانگر پيدا ٿي ختم ٿي وڃن، جهڙيءَ طرح توهان جا ابا ڏاڏا پيدا ٿيا ۽ ختم ٿي ويا؟ ڇا، توهان جي مردن کي هميشہ هن ڳالهہ جي ئي ڳڻتي رهي تہ سپاٽي ماني ڪٿان ملندي ۽ هنن جي وندر لاءِ سواءِ تاڙيءَ جي دڪان جي ٻي ڪابہ جاءِ نہ هجي؟ ڇا،

توهان جي اها ئي چاهت آهي تہ توهان جا مڙس ۽ پٽ هميشہ لاءِ اُنهن حرامخورن جي مهربانيءَ جا محتاج رهن، جن کي لکن جي ملڪيت پنهنجن وڏن جي ورثي ۾ سواءِ ڪنهن محنت جي پنهنجو پاڻ ملي ويئي آهي ۽ جي اُنهن کي نوڪر رکي، پاڻ کي وڏيڪ سکيو رکڻ چاهين ٿا؟ چا، توهان کي هي پسند آهي تہ هو فقط ڪنهن وڏي ماڻهوءَ جا هميشہ لاءِ غلام ۽ ٻڌا ٻانها ٿي رهن، سندن بندوقن جو شڪار ٿيندا رهن ۽ ٻين جو مال هڙپ ڪندا سرمائيدارن جي نفعي جي ڪيتيءَ ۾ هميشہ جيان پنهنجن هڏن ۽ ماس کي پاڻ وانگر ڪم آڻيندا رهن.

نہ، هرگز نہ، مون کي چڱيءَ طرح خبر آهي تہ توهان جو رت ٽهڪڻ لڳندو آهي، جڏهين توهين ڏسنديون آهيو تہ توهان جا مڙس وڏي اُتساهہ ۽ مضبوط ارادي سان استرائيڪ چالو ڪري پچاڙيءَ ۾ هٺ ٻڌي، مغرور مالڪن جي اٽسهائيندڙ شرطن کي، ٿوريءَ تڪليف اچڻ ڪري، ڪٽي قبول ڪندا آهن. مان مڃان ٿو تہ توهين اُنهن بانڪن بهادرن کي آدرشي ۽ بااُصول سمجهنديون آهيو جن آزاديءَ جي حفاظت لاءِ پنهنجن سرن جي پيٽا ڏني آهي. مون کي پڪ آهي تہ توهين پنهنجين انهن ڀينرن کي عزت  جي نظر سان ڏسنديون هونديون، جن ظالم حاڪمن جي ظلم ۽ ناانصافيءَ جو مقابلو ڪري، غريب عوام تي ٿيل ظلمن جو پورو بدلو ورتو آهي. مون کي هيءَ بہ پڪ آهي تہ جڏهن توهين ٻين ملڪن جي اُنهن بهادر عورتن جو ذڪر پڙهنديون آهيو جن انقلاب جي وقت گولين جي ٺڪا ٺوڪيءَ ۾ بيهي، پنهنجن مردن کي سندن بهادريءَ جي ڪري زبردست اُتساهہ ڏياري، پنهنجي حب الوطنيءَ جو ثبوت ڏنو هو، تڏهن توهان جي دل اُتساهہ وچان ٽپا ڏيڻ لڳندي آهي.

تنهن ڪري اي غريب محنت ۽ مزدوري ڪندڙ نوجوان، پاٺرو ۽ ڀينرو، هاريو ۽ مزدورو، ڪاريگرو ۽ سپاهيو! توهين سڀ پنهنجن حقن کي سمجهو ۽ اسان سان گڏجي هلڻ لاءِ تيار ٿيو. توهين اچو ۽ پنهنجن ٻين غريب ۽ پورهيت پاٺرن سان گڏجي، انهيءَ انقلاب عظيم جي تياريءَ لاءِ ڪوشش ڪريو، جو غلاميءَ جي نالي ۽ نشان کي مٽائي ڇڏيندو، پراڻن ردي خيالن جو خاتمو ڪندو ۽ سڄيءَ انسان ذات لاءِ هڪ نئين خوشحال ۽ آزاد زندگيءَ جو رستو کوليندو- اهڙي انقلاب لاءِ، جو سموري انساني سماج جي وچ ۾ سچي آزادگيءَ، برابريءَ ۽ عالمگير برادريءَ جو بنياد وجهندو، انهيءَ انقلاب لاءِ جو سڀ کي ڪم ڪرڻ لاءِ مجبور ڪندو، جو سڀ کي ڪم ڪرڻ جو موقعو ڏيندو، جنهن جي ذريعي انسان پنهنجي پورهئي جو ڦل

پاڻ پوري مزي سان حاصل ڪري سگهندو، ۽ جنهن جي ذريعي انسان پنهنجي فطرتي طاقتن کي چڱيءَ طرح استعمال ڪري سگهندو، ۽ پوءِ سڀني جي زندگي ضمير ۽ انسانيت جي مطابق هوندي.

ڪنهن کي بہ اهو چوڻ جو موقعو نہ ڏيو تہ اسين تعداد ۾ گهٽ آهيون. تنهن ڪري انهيءَ عظيم مقصد کي حاصل ڪرڻ جي اسان ۾ طاقت ئي ڪانهي. پوريءَ طرح اندازو لڳائي ڏسو تہ جي ماڻهو هنن ڏاڍاين کي سهي رهيا آهن، تن جو تعداد ڪيترو آهي؟

اسين هاري جي ٻين لاءِ محنت ڪريون ٿا، ۽ پئسي وارن کي ڪٽڪ ڪارائي، پاڻ جوئر ۽ ٻاجهريءَ جي ڍوڍي تي گذارو ڪريون ٿا. سي ڳڻت ۾ ٿورا نہ پر ڪروڙين آهيون.

اسين مزدور ۽ ڪوري ريشم ۽ مخمل اُڻيون ٿا، پر اسان جي بدن تي فقط ڦاٽل اگهڙيون ويڙهيل آهن. اسين تمام وڏي تعداد ۾ آهيون. جڏهن ڪارخانن ۾ موڪل جو گهُگهُو وڄندو آهي، تڏهن اسين وڏن وڏن شهرن جي ڪشادين سڙڪن تي سمنڊ جي لهرن وانگر ڇانئجي ويندا آهيون.

اسين سپاهي، جن کي آفيسرن جي حڪمن سان ۽ ڏنڊي جي زور تي هلايو ويجي ٿو ۽ جيڪي هميشہ گولين جي وسڪاري هيٺ رهون ٿا، پر ان جي عيوض انعام، تمغا ۽ پينشنون فقط اسان جي آفيسرن کي ملن ٿيون؛ اسين سپاهي، جن کان پنهنجن پيائرن تي گولين هلائڻ کان سواءِ ٻيو ڪوبہ ڪم ڪونہ ٿو ورتو ويجي - اسين ايتري تہ تعداد ۾ آهيون، جو جنهن ڏينهن اسين هنن ٿلهن متارن آفيسرن جي سامهون (جيڪي وڏي رعب سان اسان تي حڪم هلائيندا آهن) سينا ساهي اوچي ڳاٽ ٻيهي وجون، تہ هنن جا چهرا بلڪل زرد ٿي ويندا ۽ کين هڪدم ڪنبڻي وٺي ويندي.

سچ پچ تہ اسين سمورا ماڻهو روزانو جيڪي ظلم سهون ٿا ۽ رات ڏينهن اسان جي جيڪا بيعزتي ڪئي وڃي ٿي، سي ايتري تہ وڏي تعداد ۾ آهيون، جن جو ڪو شمار ئي ٿي نٿو سگهي. اسين انهيءَ مها ساگر جيان آهيون، جيڪو هر شيءِ کي پاڻ ۾ سمائي ڇڏي ٿو ۽ هر شيءِ کي ڳهي سگهي ٿو.

جنهن ڏينهن اسين مٿين ذڪر ڪيل ڳالهين کي عمل ۾ آڻڻ جو پورو پورو ارادو ڪنداسون، انهيءَ ڏينهن، انهيءَ گهڙيءَ انصاف قائم ٿيندو ۽ ان کان پوءِ ئي دنيا جا سمورا ظالم ۽ جابر خاڪ ۾ ملي، ناس ٿي ويندا.